# قوم پرستي

## بطور نظريو ۽ پاليسي

س- آغائيف
ي- اوگانسيان

# قوم پرستي

## بطور نظريو ۽ پاليسي

ليکڪ:
س. آغاگيف ۽ ي. اوگانسيان

سنڌيڪار:
جاويد احمد

هلال سنڌ پبليڪيشنس
حيدرآباد سنڌ

قيمت ٣ روپيه

پبلشر: محمد صديق بلوچ

پرنٽر: حيدري پرنٽنگ پريس،
لجپت روڊ، حيدرآباد سنڌ.

# ترتيب

باب پهريون:
قوم پرستي جو تاريخي ۽ سماجي پس منظر صفحو 10

باب ٻيو:
ايشيا، افريقا ۽ لاطيني آمريڪا وارن ملڪن
جي سماجي واڌاري ۾ قوم پرستيءَ جو ڪردار
۽ اهميت صفحو 33

باب ٽيون:
اسرندڙ ملڪن ۾ قوم پرستي وارن مسئلن تي
بدل نظرياتي جدوجهد صفحو 67

همعصر دور ۾ قوميت جا مسئلا، قومن جي تشڪيل ۽ واڌاري، سندن باهمي ناتن ۽ عوام جي سوچ ۽ نفسيات، طبقن، پارٽين ۽ رياستي پاليسين ۾ انهن سلسلن جي عڪس سان واسطو رکندڙ واقعن جي انتهائي منجهيل زنجير جي سڱن جهڙي آهن. موجوده وقت جي دنيا ۾ سياسي ۽ نظرياتي جدو جهد تي انهن مسئلن جي وڌندڙ اثر جي باري ۾ ته ڪجهه چوڻ جي ضرورت ئي نه آهي.

اها ڳالهه بورزوائي نظرئي دانن کي هيءَ دعويٰ ڪرڻ جو بهانو فراهم ڪري ٿي ته قوميتن جو سوال (يعني، مختلف سماجي ۽ اقتصادي سرشتن، ملڪن ۽ رياستن جي اندر قومن جي وچ ۾ ۽ قوميتن جي وچ ۾ اقتصادي، علائقائي سياسي، رياستي ۽ قانوني، ثقافتي ۽ لساني ناتن جو سوال) عالمي سياست جو بنيادي مسئلو، مرڪزي معاملو بنجي چڪو آهي وغيره عمرانيات جي آمريڪي ماهر چارلس يوسٽ، جيڪو ان نظرئي جي وڪيلن منجهان هڪ آهي، جوچوڻ آهي ته ويهين صديءَ ۾ قومن جي درميان ناتن جي انسانيت لاءِ اها ساڳي اهميت آهي جيڪا قديمي دور ۾ انسان ۽ قدرت جي درميان ناتن جي رهي هئي*. بورزوائي نظرئي دان قوم پرستيءَ کي

---

* چارلس يوسٽ. قومن جي عدم سلامتي، لنڊن، ١٩٦٨ع. صفحو ٣

هنن هي حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي ته دنيا جي مختلف ڀاڱن ۾ قوم پرستيءَ وارن لاڙن جي همت افزائي ۽ پذيرائي ڪئي وڃي. هو اهڙن ملڪن تي خصوصي ڌيان ڏئي رهيا آهن، جيڪي قومي آزادي ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن ۽ سندن ڪوشش هيءَ آهي ته قوم پرستيءَ واري نظرئي ۽ پاليسيءَ جو حامي بنجي سندن قوتن کي ونڊي ورهائي ڇڏي.

هن ڪتاب جو مکيه مقصد ايشيا آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ قوم پرستيءَ جي مقام ۽ ڪردار تي بحث ڪرڻ ۽ قوم پرستي ۽ سياست جي نظرئي جي وچ ۾ انهيءَ عمل جو تجويز ڪرڻ آهي، جيڪو مختلف نمونن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ليڪن قوم پرستيءَ جي مسئلي جي پس منظر ۾ ”ٽين دنيا“ جي نظرياتي جدوجهد کي ڪافي اهميت ڏني آهي.

## باب پهريون:

# قوم پرستيءَ جو تاريخي ۽ سماجي پس منظر

دنيا جي پهرين سوشلسٽ رياست قائم ڪندڙ انقلابي لينن مارڪسوادي نقطه نگاهه کان نهايت چڱي طرح سماج ۾ قومي لاڳاپن جو جائزو ورتو آهي ۽ قوم پرست نظرئي جي اڀياس جو سائنسي طريقو ايجاد ڪيو آهي، جنهن مطابق پهريائين مخصوص تاريخي صورتحال ۽ اقتصادي حالتن جو جائزو ورتو وڃي ٿو، ان کان پوءِ سماج ۾ مظلوم طبقن پورهيت عوام ۽ ڦريل طبقن جي مفادن جو جائزو وٺجي ٿو ۽ آخر ۾ مظلوم، محتاج ۽ محڪوم قومن ۽ ظالم، پرمار ۽ خود مختيار قومن وچ ۾ فرق کي چٽو ڪري پرکيو وڃي ٿو، ته جيئن سرمائي ۽ سامراجيت واري هن دور ۾ بورجوا جمهوري قسم جي ڪوڙن نظرين کي ٻنجو ڏئي سگهجي، جن هيٺ دنيا جي وڏي اڪثريت واري آبادي تي ٿيندڙ بيٺڪي ظلم ۽ غلامي کي معمولي سمجهيو وڃي ٿو.

فرانس جي مشهور تاريخدان آلبرٽ سوبول لکيو هو ته ۱۷۸۹ع کان وٺي دنيا ۾ "قوم" وارو لفظ ۽ سوچ عام ٿيڻ لڳي، جنهن جو تعلق عوام جي وڏي اڪثريت جي امنگن سان هو ۽ اها هڪ پاڻمرادو تحريڪ وانگي اڀري هئي.

ماڻهن سوچڻ شروع ڪيو ته قوم ايڪو آهي ۽ سڀ شهري هڪ ٻئي جو نالو آهن. اهڙي دور ۾ طبقا ۽ ملڪيت جا فرق غائب ٿيل سمجهيا ويندا هئا ۽ جيڪا به شيءِ فرانس سان تعلق رکندي هئي، اها فرينچ قوم جو هڪ حصو ليکي ويندي هئي. قوم پرستيءَ جي هن جادو ڪيترن ئي سمهي پيل ماڻهن کي جاڳايو ۽ ماڻهن جي روح ۾ هلچل پيدا ڪئي.

درحقيقت ان وقت فرانس ۾ پکڙيل قومي سوچ ملڪي بورجوازي کي آڏت ۽ اميد ڏئي ڇڏي. جاگيرداري جي شڪست فرانس جي قومي بورجوا لاءِ نجي ملڪيت سيڙائڻ ۽ ميڙڻ جا بي شمار موقعا فراهم ڪري ڇڏيا ۽ هن کي اقتدار جي ڪرسيءَ تي وهاري ڇڏيو. پر هن سياسي لهر پورهيت طبقي لاءِ مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو. پورهيت طبقو نه رڳو پنهنجي طبقي لاءِ هلچل هلائي رهيو هو، پر خود بورجوازي جا به مفاد ان پورهيت طبقي جي رهنمائي ۾ هئا. پر عام تاثر پورهيت کان سول هو ۽ بورجوازي ڏانهن گهٽو مائل هو.

خير هن تحريڪ ملڪ سان جاگيرداريءَ جون پاڙون

پٺيءَ ورتيون ۽ ان سان گڏ پورهيو ڪندڙ عوام مطالبو ڪرڻ شروع ڪيو ته هنن کي به ملڪ ۾ قومي دولت جو هڪجهڙو حصو ڏنو وڃي ۽ ملڪ هلائڻ ۾ برابر جو ڀائيوار ڪيو وڃي. ان مرحلي تي پورهيتن جا سڀ مونجهارا لهي ويا ۽ هنن کي محسوس ٿيڻ لڳو ته ”قومي سوچ“ هنن جي ڪنهن ڪم اچڻي ناهي. عوام ڏٺو ته جاگيردار کان پوءِ بورجوازي هنن کي پيو ته ڪجهه ڏئي نه سگهيو سواءِ پنهنجي ٺاهيل قانون هيٺ ٿوري آزادي— ۽ جيئن ته قانون بورجوازي جو ٺاهيل هو، ان ڪري اهو مفاد به بورجوا يا قومي سرمائيدار جا پورا ڪرڻ لڳو.

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته جاگيردار راڄ جي جاءِ تي بورجوا جمهوريت جو اچڻ ۽ جاگيرداري قانون جي جاءِ تي سرمائيداري قانون جو نافذ ٿيڻ پنهنجي جاءِ تي سماجي ترقي جو وڏو موقعو ڏنو. پر ان تبديلي يا بورجوا انقلاب فرانس جي مزدورن ۽ پورهيتن کي ڪابه آزادي نه ڏني.

ان جو مثال فرانس ۾ نيپولين جي جنگين وارو دور پيش ڪري سگهي ٿو. عجيب اتفاق هو ته بورجوا قوم پرستي يا سرمائيدارانه قومي سوچ پنهنجي روح کي ڦيرائي ڇڏيو ۽ هڪ اهڙي نظريي کي جنم ڏنو، جنهن فرانس جي عوام کي پڙڪائڻ شروع ڪيو ته ٻين قومن تي حملا ڪري مال غنيمت حاصل ڪيو وڃي ۽ اهڙي طرح فرانس ۾ قوم پرستي جارحيت جو هڪ روپ

جي (جيڪا ملڪ جي نهايت ننڍي اقليت آهي) ۽ ٻي قوم آهي پورهيتن ۽ مزدورن جي (جيڪا وڏي اڪثريت رکي ٿي.) لينن چيو ته منتظمين ۽ مزدورن ۽ شاهوڪارن ۽ غريبن نالي ٻه قومون وجود رکن ٿيون. انهن مان پهرين قوم مٿين طبقن جي ڏهه هزار ماڻهن جي آهي ۽ ٻي قوم ڪروڙين پورهيت عوام جي آهي جن وٽ ڪابه ملڪيت يا جائداد ڪانهي.

درحقيقت سرمائيدار هر انهيءَ شيءِ کي قومي ڪوٺيندو آهي، جيڪا هن جي ڪريل طبقاتي مفادن آهر هوندي آهي. هن نظرئي جو ثبوت وري به فرانس جي تاريخ مان وٺي سگهجي ٿو. ١٧٨٩ع کان وٺي ١٨٩٤ع تائين واري انقلاب دوران فرانس جي قومي سرمائيدار ڌارين سان مهاڏو اٽڪايو، چاڪاڻ ته اهي فرانس جي بورجوا انقلاب جي ميڙي چوندي ڏيئي رهيا هئا. پر ساڳي فرانس جي قومي سرمائيدار ١٨٧١ع ۾ پيرس ڪميون کي تباهه ڪرڻ لاءِ ڌارين سان وڃي هٿ، هٿ ۾ ملايو. بهرحال پيرس ڪميون کي ختم ڪيو ويو، پر لينن جي چوڻ مطابق هڪ ڳالهه فائدي ۾ وئي، جنهن هيٺ قومي سرمائيدار ننگو ٿي پيو ۽ قوم پرستي بابت به ڪيترين ئي غلط فهمين ختم ٿي ويون.

پورهيت طبقو هميشه کان وٺي هر قرلٽ ۽ پرماريت خلاف وڙهي نه رڳو پنهنجي طبقي لاءِ فائدو حاصل

ڪندو آهي، پر پوري قوم کي ترقيءَ جا موقعا وڃائي ڏيندو آهي.

قومي سرمائيدار يا بورجوازي قومي ايڪي جي نالي ۾ هميشه پنهنجي مفادن جي ترجماني ڪندو آهي. هڪ طرف دنيا جي مزدورن کي ڀاڱن ۾ ورهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ٻئي طرف ملڪ اندر ”طبقاتي امن“ جو پرچار ڪندو آهي. بورجوا قوم پرست چوندا آهن ته هڪ قوم اندر به طبقا ٿيندا آهن ۽ انهن جا طبقاتي تضاد ئي وجود رکندا آهن.

جرمن فاشزم جي وڏي ۾ وڏي پرچارڪ فيلسوف او. اسپينگلر لکيو آهي ته ”سڄي قوم هڪ طبقو آهي.“ قومن ۾ طبقن جي وجود جو انڪار ڪندي قومي سرمائيدار مزدورن جي طبقاتي شعور کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پنهنجو ڦورو چهرو لڪائڻ چاهيندو آهي ۽ پنهنجن مقصدن کي ”عام قومي مفاد“ سڏيندو آهي. بورجوا جمهوريت ۾ ”مفادن جي هن قوم“ کي شهري آزاديءَ جي نالي سان عام ڪمو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح نجي ملڪيت رکڻ ۽ مزدورن جي ڦرلٽ جا ڳانڍاپا سماجي وجود لاءِ ضروري ڪري پيش ڪيا ويندا آهن. اهڙي سماج ۾ سڀني نجي ملڪيت جي مالڪن کي ”آزادي“ حاصل هوندي آهي.

بورجوا نظرئي جا پرچارڪ قومي يڪجهتي واري رٽ پئيان هلندا وتندا آهن ۽ هڪ قوم کي برتر ثابت

ڪري قومي تعصب ۽ جارح قوم پرستي ڏانهن اڳتي
وڌندا آهن.

بورجوا قوم پرستيءَ جا قائل قومن ۽ قوميتن کي
ويڙهائي، قومي غير برابري واري سوچ کي وڌائي هڪ
قوم کي ٻيءَ مٿان برتر هجڻ جي پرچار ڪندا آهن.
عجيب ڳالهه آهي ته پاڻ کي قومي مسئلن جا ماهر ۽
قوم پرستي وارن رجحانن جا قابل سمجهندي به قومي
بورجوازي اڳواڻ پنهنجن ملڪن ۾ قومن جي مسئلن
حل ڪرڻ ۾ بري طرح ناڪام ٿيا آهن. آمريڪا ۾
نسلي ڏڦيڙ، برطانيا، ڪئنادا ۽ بيلجم ۾ قومي جهڳڙا،
ڪئٽالونيا جي آبادي مٿان اسپين طرفان ظلم ۽ ڏاڍ جون
ڪارروايون، ڪوريا نسل جي قومي اقليتن مٿان جپان
جو نابرابري وارو سلوڪ هن حقيقت کي ثابت ڪرڻ
لاءِ ڪافي آهي.

ويجهڙائي وارن سالن ۾ ڪيترن ئي سرمائيدار ملڪن
جهڙوڪ فرانس، سئٽزرلئنڊ ۽ ڊينمارڪ ۾ قوميتن جي
مسئلن سنگين صورت پيدا ڪئي آهي، جڏهن ته انهن
ملڪن ۾ پرچار ڪئي ويندي آهي ته اتي اهڙا مسئلا
حل ٿي چڪا آهن. الهندي يورپ جي ملڪن ۾ پنهنجي
پيل ڪيترن ئي رياستن جا مزدور لڏي اچي آباد ٿيا
آهن، پر اهي شهري حقن کان محروم آهن. انهن سان
نسلي ۽ قومي ٻه اکيائي جاري آهي. الهندي يورپ ۾
اتر آفريڪا، ڀارت، پاڪستان، اٽلي ۽ اسپين جا ڪيترائي

پاڙيندو هو. وبهيءَ صديءَ ۾ جڏهن وقت منگوليا، چين، هندستان ۽ وچ اوڀر جا ڪيترائي ملڪ روس جي انقلابي هلچل سان پنهنجو ناتو جوڙي چڪا هئا، ان وقت انڊونيشيا ۽ ٻين ڪن ملڪن جو عوام اهڙي رابطي کان پري هو ۽ ان جو سبب اتي جون مخصوص جاگرافيائي حالتون هيون.

اهڙيءَ طرح قوم پرستيءَ جو ٽين دنيا ۾ روپ مختلف رهيو آهي. هتي جون حالتون نهايت ڏکيون ۽ سياسي ۽ نظرياتي طور پيچيده رهيون آهن.

هتي قوم پرستي جي هڪ رجحان "قومي سوشلزم" جا ڪيترائي قسم پيدا ڪري ورتا. قوم پرستيءَ جو ٻيو رجحان هتي مذهبي روپ اختيار ڪري ورتو جيڪو سماجي تضادن جي وجود کان انڪار ڪرڻ لڳو ۽ طبقن کي نظرانداز ڪري اسلام جي آڌار تي اتحاد جو نعرو هڻڻ شروع ڪيو، جنهن کي پان اسلامزم چئجي ٿو. قوم پرستي جو ٻيو به قسم هتي پيدا ٿيو، جنهن کي نيگريٽيوڊ چئجي ٿو. ان جو مدار نسلي برتري تي آهي. هن قوم پرستي جو مقصد ڪاري رنگ جي اڇي رنگ مٿان برتري حاصل ڪرڻ آهي. آفريقا جي ڪيترن ملڪن ۾ قوم پرستي وري قبائليت جو ٻيو روپ آهي. هن رجحان علاقيت کي جنم ڏنو، جنهن جو اظهار نائيجيريا جي بيافرا رياست ۾ ٿي چڪو آهي.[8]

مختلف قوم پرستي جي قسمن ۽ رجحانن کي اسان

صديءَ ۾ پيدا ٿيندڙ قومي سرمائيدار چين، هندستان ۽ مصر ۾ قومي آزادي جي هلچلن جي رهنمائي ڪئي ۽ هڪ ترقي پسند قوت جو روپ ورتو.*

هن حقيقت کي نظر ۾ رکي لينن ١٩١٣ع ۾ لکيو هو ته يورپ ۾ ڪيترو ئي اڳي قومي سرمائيدار آزادي ۽ جمهوريت کي ڪچلي رجعت پسند دڳ ورتو آهي جڏهن ته ايشيا ۾ قومي سرمائيدار جمهوري قوتن جو ساٿ ڏنو آهي ۽ اڃا تائين عوام جو ئي پاسو ٿي رهيو آهي. بيٺڪي سماج ۾ قومي سرمائيدار محتاج ۽ هيٺڙو ٿئي ٿو، ان ڪري هو مظلوم طبقن جو ساٿ ڏئي ٿو پر سرمائيدار ملڪن جو قومي سرمائيدار ٻاهر جي ڏولت تي پلجي ٿو. ان ڪري قومي سرمائيدار جو ڪردار هميشه تضادن جو شڪار هوندو آهي.*

قومي سرمائيدار نهايت ڏڍو ۽ غيرانقلابي ڪردار هئڻ ڪري هميشه پيو وجهه تاڙيندو آهي ته ڪٿي بيٺڪي قوتن سان سمجهوتو ڪجي. هو صرف ڏڍي ڏڍي هڙا مطالبا ڪندو آهي جن سان صرف سندس موڙي جي واڌ ۾ رڪاوٽ نه پوي. ان ڪري ئي هو ان کان ڇرڪندو آهي ته متان قومي آزادي وارو انقلاب سماجي ڍانچي کي ڪيرائي نه وجهي ۽ نجي موڙي نه ناس ٿي وڃي. هو ڌاريي سان وڙهڻ مهل ترقي پسند عمل اختيار ڪندو آهي ۽ طبقن کي تسليم نه ڪري رجعت پسند ٿي پوندو آهن.

مسلم قوم پرستي خود بخود وچ اوڀر ۾ وڌندڙ عرب قوم پرستي جي زد ۾ اچي پنهنجي حيثيت وڃائي ڇڏي. ان کان پوءِ پان اسلامزم صرف فرقيوارانه مفادن جي تحريڪ ٿي پئي آهي. هن مرحلي تي مسلم قوم پرست قوتون پڻ رجعت پسند قوتن سان گڏ عرب قوم پرستن خلاف هٿيار کڻي وڙهي رهيون آهن. اردن جو فلسطينين تي حملو ان جو ثبوت آهي.

عرب ملڪن ۾ تنگ نظر قوم پرستي به منهن ڏيکاري چڪي آهي. هو قسم جون تنظيمون عرب اتحاد جون دشمن آهن ۽ فرقيوارانه پاليسيون اختيار ڪري رهيون آهن جهڙوڪ: لبناني عيسائي، بربر "قوم"، ڪاپٽڪ ۽ ٻيون نام نهاد قومون. علحدگي پسند هي تنظيمون ٻين ڪي حڪومتن جي اشاري تي عرب اتحاد کي ڇيهون ڇيهون ڪرڻ پييان آهن جنهن ۾ اهي بري طرح ناڪام ٿي رهيون آهن.

اهڙي طرح وچ اوڀر ۾ نه مسلم قوم پرستي ۽ نه عليحدگي پسند تحريڪون عوام جي حمايت حاصل ڪري سگهيون آهن. عرب عوام جي قومي آزادي واري جنگ ۾ عرب قوم پرستيءَ ئي نظرئي جي جاءِ ورتي آهي. جمال ناصر جو چوڻ آهي ته عرب قوم پرستي جو مقصد آهي ٻيٽڪيت ۽ سامراج جي مزاحمت، آزادي، قومي خودمختياري ۽ سماجي ترقي.

بورجوا قوم پرستي يا سرمائيدارانه قوم پرستي پنهنجي

اندروني تضادن جي باوجود وڏيرڪي قوم پرستي ۽ ڪاموڙڪي محڪوم ذهنيت جي مقابلي ۾ جاگيردار دشمن ۽ سامراج دشمن ٿئي ٿي. جيئن ته بورجوا قوم پرستي خاص حالتن ۾ ۽ محڪوم قوم ۾ بيٺڪيت ۽ سامراجيت جي خلاف ٿئي ٿي، ان ڪري لينن ان جي حمايت ڪرڻ لاءِ چيو آهي. لينن چيو ته ”جيڪي ماڻهو محڪوم قوم جي قوم پرست تحريڪ جي حمايت نه ٿا ڪن سي درحقيقت حاڪم قوم جي بورجوازي جي حمايت ڪري رهيا آهن“. لينن اوپر جي ملڪن ۾ ڪميونسٽ طرز جي سياسي ڪم ۽ ڪميونسٽ هلچل لاءِ چيو ته محڪوم قوم ۾ هن تحريڪ کي انان جي بورجوا قوم پرست تحريڪ سان ملايو وڃي، جيڪا زور سان اڀري رهي آهي ۽ ان جي اڀار لاءِ تاريخي گنجائش موجود آهي.

لينن بهرحال محڪوم قومن ۾ بورجوا قوم پرست تحريڪ کي انتهائي پيچيدو سڏيو آهي ۽ چيو آهي ته ان جي ڦرلدڙ گهرندڙ ڪردار کي چڱي طرح جاچي ڏسڻو پوندو. لينن مارڪسوادين کي چٽن لفظن ۾ چيو آهي ته محڪوم قوم جي قوم پرستي ۾ جمهوري لاڙن جي حمايت ڪندي ڪميونسٽن کي بورجوا قوم پرستيءَ جي رجعت پسند پهلوئن خلاف انتهائي سخت جدوجهد ڪرڻ گهرجي. لينن چيو ته پورهيتن کي ٻن ڳالهين تي ڌيان رکڻو پوندو: جيستائين محڪوم قوم جو بورجوازي حاڪم قوم جي بورجوازي سان ٽڪر کائي رهيو آهي،

ٽيستائين اسان هميشه ۽ هر حالت ۾، ٻين سيني کان وڌيڪ ان جا حمايتي آهيون ڇاڪاڻ تہ اسان سيني کان وڌيڪ ظلم جي خلاف آهيون. پر جڏهن محڪوم قوم جو بورجوازي پنهنجي بورجوازي قوم پرستي لاءِ جدوجهد ڪري ٿو تہ اسان هن جي خلاف آهيون.

بهرحال لينن بورجوا قوم پرستي جي مثبت ڪردار کي ڪڏهن بہ نظرانداز ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني آهي. ايتري تائين جو هڪ هنڌ لکي ٿو تہ ”ڪڏهن ڪڏهن محڪوم قوم ۾ پرولتاري طبقي جي ترجمان خود مختيار ۽ ڏار پارٽي ٺهڻ ڪري مقامي قوم پرستي سان ٽڪراءُ پيدا ٿي پوندو آهي ۽ اهو ٽڪر اهڙو زور اختيار ڪندو آهي جو حاڪم ۽ ظالم قوم جي بورجوا قوم پرستي جي مخالفت وسري ويندي آهي. اڻين نہ ٿيڻ گهرجي.

لينن اهو بہ چيو آهي تہ جيستائين قومي بورجوازي جو هڪ بہ جٿو مثبت ڪردار ادا ڪري ٿو، تيستائين ان جي حمايت ڪرڻ گهرجي ۽ ان سان متحد محاذ قائم ڪري سگهجي ٿو.

لينن طرفان بورجوا قوم پرستي جي اهڙي ئي پاليسي جي تجزئي کي سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي ٢٢ هين ڪانگريس ۾ جاءِ ڏني ۽ ١٩٦٩ع ۾ ڪميونسٽ ۽ مزدورن جي بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ ان جي منظوري ڏني وئي. اهڙي طرح سوويت يونين جي

ڪميونسٽ پارٽي جي ٢۴ ڪانگريس ۾ هڪ هنڌ چيو ويو آهي ته مظلوم ۽ محڪوم قوم جي قوم پرستيءَ ۾ ظالم ڏاڍ ۽ خلاف عام جمهوري هلچل ٿئي ٿي جنهن جي ڪميونسٽن کي حمايت ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته تاريخ ان کي سچ ثابت ڪيو آهي. پر محڪوم قوم ۾ قوم پرستي ڪڏهن ڪڏهن مٿين طبقي جي ٿورو مفادن جي خدمت پڻ ڪندي آهي، جنهن جي حمايت ڪري نه ٿي سگهجي.

روس ۾ آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ ڪيترن ئي ڪميونسٽ پارٽيون قائم ٿي چڪيون آهن جتي اهي آڪٽوبر انقلاب جي تجربن جي اوٽ ۾ قومي آزادي واري تحريڪن ۽ انهن جهڙي قوم پرست نظرئي کي ترقي جي بهترين درجي تي پهچايو آهي ۽ پهچائينديون رهنديون.

# ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا وارن ملڪن جي سماجي وڌاري

## ۾ قوم پرستيءَ جو ڪردار ۽ اهميت

قوم پرستيءَ جي تحريڪ جيڪا پرڏيهي ۽ ڌارين جي ظلم خلاف ردعمل طور پٺتي ملڪن ۾ ايري هئي، ان جي پس منظر ۾ قومي سجاڳي ۽ قومي غيرت موجود هئي ۽ مظلوم عوام طرفان آزادي، خودمختياري ۽ پنهنجي وچاپل شان کي ٻيهر حاصل ڪرڻ واري خواهش ان جو بنياد هئي ۽ هڪ آواز هئي ته هر قوم کي پنهنجي حاڪميت جو حق آهي. انڊونيشيا جي آزادي واري هلچل جي اڳواڻ سوئيڪارنو ۱۹۳۳ع ۾ لکيو هو ته ”آءٌ قوم پرست آهيان ۽ محسوس ٿو ڪريان ته انڊونيشيا جي آزادي جي جدوجهد قومي جدوجهد آهي. مون هميشه ڪوشش ڪئي آهي ته پنهنجن سڀني سماجي طبقن کي متحد ڪريان ۽ انهن کي دشمن سان جنگ ڪرايان ته جيئن قومي آزادي حاصل ٿي سگهي. مهاتما گانڌي چيو هو ته ”منهنجي قوم پرستي جو مقصد اهو آهي ته جيئن منهنجو ملڪ آزاد ٿي سگهي.“

درحقيقت قومي آزادي جي جدوجهد واري روايت اڀرڻ سان گڏ قوم پرستيءَ جي سوچ به ترقي ڪئي ۽

(۱) قوم پرستي (۲) عوامي راڄ (۳) قومي بهبود. پنهنجي هڪ مضمون، ”ڊيموڪريسي اينڊ نارو بزم ان چائنا“ ۾ من يات سين چائنايو آهي ته ”هنن ڏسـن نعرن تي بدل سياست ملڪ ۾ سرمائيداريءَ کي ته ناس ڪري نه ٿي سگهي“. البت هن جو نظريو سوشلسٽ پس منظر ۾ تيار ٿيل هو ۽ انهيءَ يوٽوپيا سوچ ۽ خواب تـي ٻڌل هو جنهن ۾ چيو ويندو آهي ته سماجي انقلاب سرمائيداري واري ترقي جي مرحلي کي نظرانداز ڪري به آڻي سگهجي ٿو جڏهن ته چين هن جي ئي وقت ۾ سرمائيداريءَ واري دور ۾ داخل ٿي چڪو هو. ليڪن جي هن يوٽوپين ۽ خيال پرستيءَ واري سوچ کي مدنظر رکندي به هن جي جمهوري انقلابي عمل کي خراج تحسين پيش ڪيو هو، جنهن ملڪ جي وڏي اڪثريت کي جاگيرداري دشمن ۽ بينڪيت دشمن تحريڪ لاءِ اڀاري ورتو هو.

ايرندي يورپ ۽ وچ ايشيا ۾ قومي جمهوري انقلابن جي ڪاميابين سان گڏ دنيا ۾ هڪ طاقتور سوشلسٽ ڪئمپ قائم ٿي چڪي هئي، جنهن جي قائم ٿيڻ کان پوءِ ئي دنيا جي محڪوم ۽ مظلوم ملڪن ۽ قومن کي اهڙو وجهه مليو جو ته هو سرمائيدارانه ترقي جي دور

ڏانهن ڇلانگ هڻي انقلاب آڻي وجهن، تنهن هوندي به قومي آزادي وارين تحريڪن جي انقلابي جمهوري قيادت ڪيترن ئي ملڪن ۾ اهڙي سونهري موقعي جو تڪڙ فائدو حاصل ڪيو. اهڙي طرح هنن ساڳي ڏکي جدوجهد ڏيکاري، جنهن ڪي اڳي هڪ ناممڪن سمجهيو ويندو هو. ”انقلاب جي فلسفي“ واري عنوان سان لکيل ڪتاب ۾ جمال عبدالناصر لکيو هو ته ”جنهن راهه تي هلڻ لاءِ اسان سوچي رهيا آهيون، منهنجي ذهن ۾ ان اندر اهڙيون تبديليون آيون آهن، جو ڏيئي ڪنهن شيءِ ۾ نه اچي سگهيون آهن.“

قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي قوم پرست قيادت وٽ روايتي ڪچي سياسي سوچ، انهي جي سماجي حالتن جي پيداوار آهي. ڪيترن ئي بورجوا ڪان اڳ ۾ عجيب گهڻ مقادي ٽولي وٽ رهي آهي. ان ڪري ئي ڪانگو (ڪنشاسا) ۾ آزاد ٿيڻ وقت هڪ سو پارٽيون ڪم ڪري رهيون هيون، جن وٽ مختلف پروگرام ۽ مختلف نظريا هئا.

ڇهن وارن اوائلي سالن ۾ دنيا جا اڪثر پٺتي ملڪ آزاد ٿي چڪا هئا. ان سان گڏ قوم پرستي واري نظرئي ۽ پاليسي ۾ به اهم سياسي ۽ نظرياتي تبديلي

اڃا چڪي هئي. سامراج[1] کي جڏهن زبردستي وچان سڌي سياسي غلبي تان هٿ ڌوئڻا پيا ته پوءِ سامراجيت ڦرلٽ جا طريقا مٽائي اقتصادي غلبو حاصل ڪيو. جواهر لال نهرو جنهن پرماريت جي هن نئين ڍنگ کي اقتصادي سامراجيت ڪوٺيو آهي، تنهن لکيو آهي ته، "جيڪڏهن توهان جاگرافي يا اٽلاس کان مدد وٺندؤ ته توهان کي ڪيترائي ملڪ آزاد ۽ خودمختيار نظر ايندا. پر جيڪڏهن توهان انهيءَ سياسي آزاديءَ جي پردي مان ليئو پائيندو ته توهان کي اٺين نظر ايندو ته اُهي ملڪن ۾ ٻين ڪن ملڪن جو قبضو نظر ايندو يا اُتي جي پئسڪارن ۽ وڏن واپارين جو ڌاڪو ۽ حاڪميت نظر ايندي، جيڪا شيءِ بهرحال نقشي ۾ ڏسڻ ۾ نه ايندي."

✓ اهڙيءَ طرح ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ بين الاقوامي سرمائي جو غلبو اڃا جاري آهي. ستر وارن اوائلي سالن ۾ بين الاقوامي موڙي دنيا جي ۹۰ سيڪڙو تيل جي پيدائش تي قبضو ڄمائي ويٺو هو، ۷۰ سيڪڙو قيمتي ڌاتن تي ان جي حڪومت هئي، ۸۰ سيڪڙو هيري جي ملڪ وارن ذريعن تي ان جو قبضو هو ۽ زرعي ڪچي مال تي ان تي گهٽي کان گهڻو اختيار هو. اسرندڙ ملڪن جو ۸۰-۹۰ سيڪڙو

واپار سامراجي منڊي جو محتاج هو.

اهڙي طرح هنن ملڪن جي محتاجي مان فائدو وٺي هڪ هٽي سرمائي هنن ملڪن مان گهڻي ۾ گهڻو نفعو چوسڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جو اندازو ١٩٦٥ع کان ١٩٦٩ع تائين ٽيهه ارب ڊالر لڳايو ويو آهي. ان جي اهميت ان وقت معلوم ٿئي ٿي جڏهن حساب لڳايو وڃي ٿو ته ١٩٦٤ع ۽ ١٩٦٨ع جي وچ ۾ انهن ملڪن جي قومي پيداوار مان هڪ پاڱي ٽي حصو غائب ٿي ويندو هو. گڏيل قومن جي انگن اکرن مطابق اسرندڙ ملڪن مان ١٩٧٥ع تائين وارن سالن ۾ ساليانو ١٢٠٠ کان ١٤٠٠ ڪروڙ ڊالر نفعو ڪمايو ويو.

جيستائين نام نهاد امداد جو تعلق آهي جنهن جي مغربي پروپئگنڊا تعريف ڪري نه ٿي ٿڪجي تنهن پٺيان سامراجي رياستن جا ڄٽهوا جاڳندا مفاد رهيا آهن. هن حقيقت جو اعتراف لاطيني آمريڪا ڏانهن موڪليل امداد جي باري ۾ آمريڪي صدر هڪ تقرير ۾ ڪيو آهي. هن چيو هو ته "امان جا" ڪيترائي ترقياتي پروگرام اتي هلي رهيا آهن. هن جي لفظ "امان جا" مان ڏاڍي مزي ۽ غير دوستاڻي بوءِ اچي ٿي. سامراجي امداد جا

اهڙا احساس ٽئين دنيا ني الهندي جا پيا ب، ڪيترائي سرمائيدار ملڪ ڪندا رهيا آهن.

ٽئين دنيا جي بيشڪ ملڪن ۾ قوم پرستي جي تحريڪ ان لحاظ کان به سامراج دشمن آهي ڇاڪاڻ ته ان جو مقصد اقتصادي غلامي کي ختم ڪرڻ آهي. آزاد ٿيل ملڪن ۾ سماجي واڌاري لاءِ قوم پرستي جي اهميت کي ڄاڻڻ لاءِ ضروري آهي ۽ اتي جي خاص سماجي، اقتصادي ۽ سياسي حالتن جو جائزو ورتو وڃي. هي حالتون هر ملڪ ۾ گهڻو ڪري مختلف آهن.

اڄ ڪلهه ٽئين دنيا جي ملڪن ۾ اڄ جي دور جا تقريباً سڀ مروج سماجي ۽ اقتصادي نظريا هلي رهيا آهن. اهڙي طرح برازيل، گني، لبنان، پاڪستان ۽ ٻين ملڪن ۾ بورجوا سوچ جو ڏاڪو آهي. جڏهن ته ڏکڻ يمن، شام، مصر، برما ۽ ٻين ملڪن غير سرمائيداري واري ترقي جو ڏس ورتو آهي. اهڙا به ڪي ٽئين دنيا جا ملڪ آهن جيڪي وچ تي آهن ۽ هنن کي سماجي ترقي جي راهه هاڻ ڪرڻي پوندي.

اسرندڙ ملڪن ۾ سماجي طبقا پنهنجي اوسر واري

مرحلي ۾ آهن. جيئن ته انهن ملڪن ۾ اقتصادي ترقي اڃا متهين نه ڪئي آهي، ان ڪري اتي جو عوام اڃا پيداوار لاءِ فطري ذريعن جو محتاج آهي. مزدورن جو تعداد گهٽ آهي. اهڙي طرح هندستان ۾ سڄي ملازم آبادي جو ٣٠ سيڪڙو مزدور آهن، جڏهن ته آفريڪا ۾ ان کان به گهٽ سيڪڙو يعني ويهه سيڪڙو مزدور آهن.

ان جي مقابلي ۾ ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ مزدورن جو تعداد ٨٠-٩٠ سيڪڙو آهي. ياد رهي ته ڪيترن ئي اسرندڙ ملڪن ۾ ٥٠-٦٠ سيڪڙو اهڙا مزدور آهن، جيڪي موسمي پورهيو ڪن ٿا ۽ هنن جو تعلق هارين واري برادري سان آهي.

سماج ۾ طبقن جو پيدا ٿيڻ ڪنهن به هڪڙي اصول هيٺ نٿو ٿئي. لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾، ڀارت ۾ انڊونيشيا، پاڪستان ۽ ڪجهه عرب ملڪن ۾ تمام گهڻي وقت کان وٺي پرولتاري ۽ بورجوازي وارا طبقا هڪٻئي جي خلاف تضاد ڪنيو هلي رهيا آهن، ۽ وري ٻين ملڪن جهڙوڪ ڄاڻلو آفريڪا جي علائقن ۾ اهي طبقا ڪالهه خودمختيار حيثيت حاصل ڪري نه سگهيا آهن. اسرندڙ ملڪن ۾ هارين جو طبقو سڀ کان وڏي اڪثريت

۾ آهي. هاڻي وارو طبقو وري مختلف زرعي ڪمن
ڪري مختلف گروهن ۾ ورهايل آهي. ڳوٺاڻو بورجوازي
ننڍو آبادگار، ڪڙمي مسڪين ۽ زميندار ان جا قسم آهن.
اهڙي طرح هر ملڪ ۾ حاڪم ۽ محڪوم مختلف آهن.

انهن تفاوتن جي باوجود سڀني ملڪن ۾ ڪي نڪتا
هڪجهڙا آهن. هڪ ته هنن جو سامراجيت تي انحصار
آهي ۽ ٻيو ته ملڪ ۾ مڪمل طور تي سماجي ۽ سياسي
ترقي ناهي؛ اهي فرق سڀني دنيا کان اسرندڙ ملڪن کي
ترالو ڪن ٿا. انهن اهڃاڻن کان سواءِ اسرندڙ ملڪن
کي غربت، نسلي امتياز وغيره جهڙن اثرن سان پڻ ڪڙهه
انهن ملڪن جي صحيح ڪردار کان نفي ڪرڻ آهي
۽ اهڙي طرح جيڪڏهن قومي آزادي واري جدوجهد
۾ انهن کان سواءِ ڪن ٻين اصولن جي پوئواري
ڪئي وڃي ته پوءِ اها تحريڪ عالمي انقلابي تحريڪ
جو حصو ٿيڻ جي نه سگهندي. پهريائين اسرندڙ ملڪن
جو سامراج تي سوار قومي آزادي واري تحريڪ کي
سامراج دشمن بڻائي ٿو ۽ ان کي عالمي سوشلسٽ قوتن
۽ مزدورن جي عالمي تحريڪ سان ڳنڍي ٿو. ٻيو ته
جيئن ته ملڪ ۾ سماجي ۽ سياسي ترقي اڻ پوري آهي
ان ڪري آزادي واري تحريڪ جا مفاد سماجي ۽ طبقاتي

مقادن تي حاوي ٿيو وڃڻ؛

اهي ٻه اهڃاڻ آهن جيڪي قومي آزادي واري هلچل ۽ قوم پرستيءَ واري نظرئي جا اصول ٿي وڃن ٿا — يعني پرڏيهي موڙي جو غلبو ختم ڪرڻ، مقامي رجعت پسند قوتن جو مقابلو ڪرڻ ۽ جاگيرداريءَ وارن نشانن کي مٽائڻ ۽ آزاديءَ کي پڪو ڪرڻ ۽ سماجي زندگي کي جمهوري بنائڻ.

اڄ جي دور ۾ آزاد ٿيل پٺتي پيل رياستن ۾ قومي انقلاب جو ٻهريون مرحلو اهو آهي ته ٽين دنيا ۾ اقتصادي غلبي رکندڙ سامراجيت کي شڪست ڏني وڃي جيڪا قرلت جا نت نوان طريقا ڳولي پنهنجا مقصد پورا ڪري رهي آهي. گني جي سربراهه سيڪوٽوري چيو آهي ته ته، ”اهو سچ آهي ته جيڪي سماجي قوتون ڪنهن به لحاظ کان پورهيتن ۽ عام ماڻهن کي ڦري رهيون آهن، ملڪن جي اڪثر آبادي انهن جي خلاف ٿي وئي آهي. اڃا به سڌو ڪري چئجي ته اهين ٿيندو ته سامراجيت ۽ پٺتي پيل قومي بورجوا سموت سڄي قوم جون دشمن طاقتون آهن.“

هن صورتحال جي تقاضا آهي ته قوم جي سڄي

صحتمند قوتن کي سامراج دشمني واري نعري تي گڏ
ڪيو وڃي ته جيئن قومي آزادي واري جدوجهد سجائي
ٿي سگهي ۽ ان لاءِ نئين بهڪيت کي روڪيو وڃي
۽ هڪ مضبوط قومي رياست قائم ڪئي وڃي. هنن
مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ متحد اتحاد قائم ڪرڻ
جي ضرورت آهي، جنهن ۾ پرولتاري، هاري، دانشور
۽ قومي بورجوازي گڏ هجن.

آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ قومي اتحاد کي وڃائڻ
ضروري نه آهي، اٿلندو قومي آزادي حاصل ڪرڻ ۾
وڏي مدد ڏئي ٿو.

دنيا جي ڪيترن ملڪن جي مثالن مان هڪ ئي
ڳالهه ته ثابت ٿي چڪي آهي ته قومي آزادي جي
تحريڪ لاءِ گاڏڙ ساڏڙ قومي اتحاد گهڻو هلي نٿو سگهي
۽ آزاديءَ کان پوءِ حڪمران طبقو قومي اتحاد کي باقي
رهڻ نه ٿو ڏئي. ان حقيقت جي روشني ۾ قومي آزادي
جي جدوجهد لاءِ قوم پرستي وارو نظريو مري خارج ٿي
ويل سمجهڻ گهرجي. الجزائر جي سماجي ماهر ايم. لاچراف
چيو آهي ته الجزائر جي سلسلي ۾ قوم پرستيءَ جي
اهميت تي زور ڏيڻ ائين آهي، جيئن انهن جيوڙن کي
مضبوط ڪيو وڃي، جن کي الجزائر اندران ئي اندران

ڪوڪاو ڪري ڇڏيو آهي. الجزائر ۾ ان ڪري قومي اتحاد تي انقلابي اتحاد تي فوقيت ڏني وڃي."

هينئر دنيا جون حالتون اچا به وڏيڪ انقلابي طور تبديل ٿي ويون آهن، الهندي يورپ جي آزاد قومن جي ڀيٽ ۾ ٽين دنيا ۾ اڄ جون حالتون ڏاڍيون مختلف آهن ۽ اتي هاڻي تاريخ قومي بورجوازي جي محتاج نه آهي. جيئن جيئن ٽين دنيا ۾ قومي انقلاب مضبوط ٿيندو پيو وڃي تيئن تيئن ٽين دنيا جا محب وطن طبقا مضبوط ٿيندا پيا وڃن ۽ سماجي تبديليءَ جا طالبا زور وٺندا پيا وڃن. هن حقيقت کان خود بورجوازي ماهر به انڪار نه ٿا ڪن. اولهه جرمني جو سماجي ماهر اي-لومبرگ لکي ٿو ته: "پراڻي دور ۾ قوم پرستي اپرنڊڙ بورجوازي جو نظريو هوندي هئي ۽ سوشلزم کي مقدس قومي قدرن جو دشمن تصور ڪيو ويندو هو. پر اڄ جي دنيا جي نون ملڪن ۾ قوم پرستي ۽ سوشلزم ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي وڌي رهيون آهن."

ٽين دنيا ۾ نام نهاد قومي سوشلزم جي وڌڻ مان حقيقي سوشلزم جي مشهوريءَ جو اندازو مولائيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ قومي سوشلزم واري نامنهاد نظريي ۾ سوشلزم صرف ان ڪري استعمال ڪيو پيو

وڌيڪ ته قوم پرستيءَ کي اڪائڻ ۾ مدد ملندي. ڇاڪاڻ ته هنن ملڪن ۾ قوم پرستي ڪان ڪتجي چڪي آهي، پر سڀ کان اهم نڪتو اهو آهي ته. امرندڙ ملڪ سوشلزم کي اڄ نظرئي ڪان وڌيڪ عمل طور قبول ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح قومي آزادي جي اڳواڻي پرولتاري هاري، دانشور ۽ پيٽي بورجوا وٽ اچي رهـي آهي، جيڪي مارڪسوادي نظرئي کي قبول ڪن ٿا. هتان جا عوام قوم پرستي جي تنگ نظرئي کان جان ڇڏائـي رهيا آهن.

ٽين دنيا جي اسرندڙ ملڪن ۾ مارڪسوادي نظريو ان ڪري ڪامياب ٿي رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته اڄ جي تاريخ ۾ قوم پرستي وارو نظريو سياسي آزادي کان پوءِ ڪابه سماجي تبديلي آڻي نٿو سگهي. قوم پرستي جو نظريو اهڙي طرح طبقن کان انڪار ڪري، قومي مفادن کي شاهوڪارن جي مفادن جو زيردست رکي ۽ قومي نسلي امتياز کي جنم ڏيئي رجعت پسند ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. بهرحال قومي آزادي واري جدوجهد ۾ قومي بورجوازي جي شريڪ ٿيڻ جو شرط ان ڳالهه تي آهي ته هن دنيا جا سامراج سان ڪهڙا تضاد پيدا ٿين ٿا. هي تضاد جهتوڻيڪ طبقاتي ناهن ڇاڪاڻ ته

قومي بورجوازي يا سرمائيدار ۽ بين الاقوامي سرمائيداري سرشتو پاڻ ۾ هڏ رت آهن، تنهن هوندي به انهن کي اهميت آهي. اهڙا تضاد پيتي بورجوازي ۽ سامراج ۾ تيز ٿين ٿا. اهي تضاد هڪ هتي سرمائيدار ۽ سامراج وچ ۾ ٿين ٿي ڪونہ ٿا. ياد رهي ته ٽين دنيا جي ڪن ملڪن ۾ هڪ هتي سرمائيدار وارو طبقو پڻ اسري رهيو آهي. ان ڪري متاهون بورجوازيءَ جا مفاد قومي آزاديءَ واري جدوجهد جي ابتڙ ٿين ٿا ۽ انهن جو پرچاءُ به مشڪل آهي. لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ اهڙا مثال ملي سگهن ٿا، جتي جا ڪيترائي حڪمران وڏا بنڪار ۽ نواب، جاگيردار آهن، ان ڪري اهي آمريڪي هڪ هتي ڪمپنن کي اجازت ڏئي ڇڏين ٿا. ارجنٽائنا ۽ وينزويلا ۾ وڏيون جاگيرون ملڪ جي جملي زرعي زمين جو ۸۰ سيڪڙو آهن. ساڳي حالت برازيل ۽ يوروگوئي ۾ آهي. ميڪسيڪو ۾ تمام وڏي درجي جا مالي ۽ صنعتي ادارا قائم ٿيندا پيا وڃن جيڪي ملڪ جي سون اهڙين صنعتن کي ڪنٽرول ۾ ڪيو وينا آهن. ڪولمبيا جي شمن ناهڻ وارن ڪارخانن جا ۵۲ سيڪڙو حصا ۶۳۰ سيڪڙو وڏن واپاريز وٽ آهن.

آمريڪي سامراجيت ساڻ گهري رشتي هئڻ ڪري

اهي گڙنگ سرمائيدار جارح قوم پرستيءَ جا قائل ٿيو پون. هندراز ۽ سلويدار وچ ۾ هڪ جنگ لڳي آهي، جنهن جو سبب فٽ بال ميچ هئي. اهو سڀ ان ڪري آهي جو هرڪو حڪمران پاڻ کي عظيم ۽ ٻين کي ڪمتر ٿو سمجهي ۽ ملڪ اندر جنگي فضا قائم ڪرڻ گهري ٿو ته جيئن اسپيشل محصول اگهاڙيندو رهي. اهڙي طرح لاطيني آمريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ شاونزم فسطائيت جو روپ ورتو آهي ۽ فوجي ڊڪٽيٽرشپون قائم ٿيون آهن. پاڻ آمريڪنزم ۽ يانڪي ـ سامراجيت جو هڪ ئي نعرو آهي، اهو آهي ڪميونسٽ دشمني. اهڙا حڪمران ڪميونسٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ قوم پرست ٿي پيا آهن.

قوم پرستيءَ جو هي قسم آمريڪي سامراجيت ۽ پاڻ آمريڪنزم سان متفق آهي. هن قوم پرستيءَ جا وڪيل ٻئي قسم جي قوم پرستيءَ تي گهري تشويش جو اظهار ڪن ٿا. آمريڪي تاريخدان اي. وٽاڪر ۽ ڊي. جورڊان ٻئي قسم جي قوم پرستي کي پاپولر نيشنلزم يا عوامي قوم پرستي سڏي ان جي خدمت ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته 'اهو ڪيوبا واري انقلاب جو پوئلڳ نظريو آهي.' آمريڪي صدر فيبروري ١٩٧١ع ۾ ڪانگريس

کي خطاب ڪندي ساڳي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو هو ۽ چيو هو تہ لاطيني آمريڪا جي قوم پرستي آمريڪا جي اثر کي نظرانداز ڪندي وڏيڪ پاڻ پري ٿيڻ واري منزل ڏانهن وڌڻ گهري ٿي يعني ان جو ڪردار سامراج دشمني تي ٻڌل ٿيندو وڃي ٿو.

گذريل ڪيترن سالن جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ لاطيني آمريڪا جو نيشنل بورجوازي يا قومي سرمائيدار قومي آزادي واري تحريڪ ۾ سرگرم رهي نہ ٿو سگهي. ڪجهہ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ هي ڪردار انقلابي جمهوريت پسند ماڻهن جي هٿ ۾ ڏنيو ويو آهي. جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ لاطيني آمريڪا ۾ جمهوري انقلابيت صرف آمريڪي سرمائيداري واري هڪ هٿيءَ جو رد عمل نہ ناهي، پر لاطيني آمريڪا جي قومي بورجوازي خلاف هڪ محاذ طور ابري آهي، ڇاڪاڻ تہ جمهوريت پسند انقلابي قيادت قومي اتحاد کي طبقاتي بنيادن تي رکيو آهي. هي قيادت ڪميونسٽ هلائي رهيا آهن. چليءَ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري لوئي ڪاروالان هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ”سامراج ۽ بينڪيت دشمني جي بنياد تي اسان جو متحد عمل ان ويساهہ تي ٻڌل آهي تہ مزدورن ۽ هارين

پرولتاري ۽ غير پرولتاري قوتن جو اتحاد هڪ هٿيار بند گڏيل محاذ جي تشڪيل ممڪن ڪري ٿو ڏئي.“ اهوئي سبب آهي جو پيرو، پاناما ۽ ايڪوئيڊور جا حڪمران رد عمل طور آمريڪي سرمائيدارانہ هڪ هٿي کي مضبوط ڪرڻ جا نعرا هڻي رهيا آهن.

آمريڪي رياستن جي تنظيم جي سيڪريٽري جنرل گالو پلازا لکيو آهي تہ ”ملڪ ۾ پرڏيهي ڪمپنين خلاف جيڪو رد عمل ٿيو آهي، اهو لاطيني آمريڪا واري قوم پرستي جو حصو آهي.“ اها ڳالهہ برابر آهي ۽ ۱۹۷۰ع ۾ ٿيل لاطيني آمريڪا جي ٽريڊ يونينن واري ڪانفرنس ”پان آمريڪنزم“ خلاف ”لاطيني آمريڪنزم“ جو نعرو هنيو هو، جيڪو انصاف تي ٻڌل ۽ خود حاڪميت جو نعرو آهي.

درحقيقت ايشيا جي اڻ اسرندڙ ملڪن ۾ قوم پرست تحريڪ اندر ايترا سياسي ۽ نظرياتي اختلاف ايري نہ سگهيا آهن، جيترا لاطيني آمريڪا ۾ پيدا ٿيا آهن. ان جو سبب آهي تہ ايشيا ۾ طبقا اڃا مستحڪم نہ ٿيا آهن ۽ اتي جو نيشنل بورجوازي اڃا لاطيني جي قومي سرمائيدار کان ڪمزور آهي. البت ايشيا جي بورجوا نيشنلزم اصولي طور تي سامراج دشمني وارو ڪردار

ادا ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. ان ڳالهه ڪي به اهميت آهي ته ايشيا ۾ سياسي آزادي حاصل ڪرڻ واري دور وارين قومي اتحاد جون روايتون اڃا جاري ۽ زنده آهن.

درحقيقت بورجوا نيشلزم ۽ قومي آزادي واري جدوجهد جي نظرئي ۾ فرق جو دارومدار ان تي آهي ته ان ملڪ ۾ سرمائيداري نظام ڪيترو مضبوط ٿي چڪو آهي.

اها به حقيقت آهي ته ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سياسي آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ مٺتين بورجوازي طبقي پاڻ کي قومي آزادي واري جدوجهد کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترن ئي ايشيائي ملڪن ۾ هن پنهنجيون خودمختيار سياسي پارٽيون ناهيون آهن ۽ ان سلسلي ۾ ملڪ جي ڪاموري شاهي ۽ جاگيردار کان تعاون ورتو ويو آهي، جيڪي قوتون انقلابي جمهوريت پسندن جون دشمن آهن. هنن پارٽين جي قوم پرستي انتها پسندي تي ٻڌل آهي. هو مذهبي جنون جون قائل آهن ۽ هو انهيءَ کان نفرت ڪن ٿيون، جن وٽ ٻيو ڪو به مختلف نظريو آهي. هنن پارٽين مان ڪيتريون ئي پارٽيون ڌارين لاءِ نفرت ۽ حقارت رکڻ جي باوجود ڪيترن ئي سامراجي قوتن جو ساٿ ڏين ٿيون ۽ نئين

ٽيڪيٽ جي آجيان ڪن ٿيون. هندستان جا جن سنگهي ملڪ ۾ پرڏيهي سيٽپ جا متوالا آهن ۽ وڪالت ڪري رهيا آهن ته هندستان کي جارح سامراجي فوجي ٺاهن تي صحيح طرح ڪرڻ گهرجن ته جيئن ايشيا ۾ رجعت پسند تحريڪن کي مضبوط ڪري سگهجي. پر جمهوري قوتون انهن سامراج دوست پاليسين خلاف آهن ڇاڪاڻ ته اهي پاليسيون قومي آزادي واري جدوجهد جي نظرئي خلاف آهن. انهيءَ ڪري ٿي جواهرلال نهرو قوم پرستي سان مذهب کي ملائڻ جي سخت خلاف هو باوجود ان جي ته هو پاڻ به مذهبي قسم جو ماڻهو هو ۽ مذهب کي عظيم ثقافتي ۽ اخلاقي قدرن جو مجموعو سمجهندو هو. پر هن انهن ڪوشش جي ذهني چوليءَ جو زور لڳائي مخالفت ڪئي، جڏهن وسيلي مذهب کي سياست جو اهم اصول قرار ڏنو پيو وڃي. هن لکيو هو ته "مذهب ۽ ثقافت جي حفاظت ڪرڻ جي خاطري ملڻ کان پوءِ سماج ۾ سڀ کان اهم مسئلا اقتصادي هوندا، جن جو ماڻهن جي شخصي مذهبي وساهه سان ڪوبه واسطو ڪونهي. سماج ۾ طبقاتي ڇڪتاڻ ٿي سگهي ٿي، پر مذهبي ڇڪتاڻ جي ڪابه گنجائش هئڻ نه گهرجي."

فوراً آزاد ٿيل ملڪن لاءِ شاونزم تي ٻڌل قوم

پرستي خطرو ثابت ٿي آهي. (ياد رهي ته شاونزم جنرل شاون جي انتها پسند جارح قوم پرستيءَ واري پاليسي کي سڏجي ٿو. جنرل شاون نيپولين کان پوءِ وڏيڪ فلشسٽ هوندو هو ۽ فرانس ۾ ١٩ صديءَ ۾ رهندو هو.) قوم پرست شاونزم سماجي ۽ اقتصادي طور فاشزم يا فسطائيت ڏانهن وٺي وڃي ٿي. جواهرلال نهرو چيو هو ته پارٽ سماجي تبديليون گهري ٿو. توهان انهن کي ساڄي، کابي يا وچ واريون يا جيئن وٺي تيئن چئو ترقي پسند چئو يا جامد يا رجعت پسند، پر هي سڀ لفظ مڪمل مطلب واضح نه ڪندا. پر انهن کان وڌيڪ هڪ ڳالهه، پارٽ ۾ وڌيڪ ڏيان گهري ٿي ۽ اها آهي فسطائيت. پارٽ ۾ هڪڙا اهڙا ماڻهو آهن جيڪي ڪنهن وقت کان سواءِ فسطائي آهن. هي عناصر هر ڏڦيڙ ۽ لاقانونيت مان فائدو وٺي اقتدار تي قبضو ڪرڻ گهرن ٿا."

پارٽ ۾ تازو ٿيل واقعن مان اندازو ٿئي ٿو ته جواهرلال نهرو سچ چيو هو. پارٽ ۾ اڄ هڪڙيون اهڙيون قوتون آهن، جيڪي سماجي تبديليون نٿيون چاهين. اهڙي طرح تاريخي سماجي تضاد وڌي ويا آهن.

ٽين دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اڀر بورجوازي يا ٽئين درجي جي سرمائيدار ۽ قومي آزادي واري

تحريڪ جي اصولن جو ذڪر مختلف قومن جي ذڪر جي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ان جو مثال پاڪستان ۾ ان وقت جي اندروني صورتحال مان لڳائي سگهجي ٿو جنهن وقت اني مٿئين بورجوازي ۽ جاگيردار جي مفادن سان وفادار فوجي ڪاموري شاهي واري حڪومت هوندي هئي. ان وقت جي حڪومت اوپر پاڪستان ۾ شاونسٽ پاليسي اختيار ڪئي ۽ امتيازي سلوڪ اختيار ڪري ڏنو جنهن ڪري اتان جي بنگالي آبادي غير مساوي سماجي حيثيت ۾ رهڻ لڳي، اقتصادي ڦرلٽ جو شڪار ٿي پئي ۽ بنيادي سياسي آزادي کان محروم هئي. بنگالي عوام جي هڪجهڙائي واري مطالبي جي جواب ۾ پاڪستان جي ان وقت واري حڪومت عوامي سطح تي ڏاڍ شروع ڪيو. اهڙي طرح بنگالي عوام جي صوبائي خود مختياري واري جدوجهد قومي آزادي واري هلچل ۾ تبديل ٿي وئي جنهن ڪري بنگلاديش جي خود مختيار رياست قائم ٿي وئي. بنگالي عوام جي قومي خود مختياري وارو حق هنن جي سماجي ترقي سان ڳنڍيل هو جنهن جي حل آڏو ان وقت جي بورجوا - زميندار طبقي واري حڪومت شاونزم جو مظاهرو ڪري رڪاوٽون پيدا ڪنديون. اهڙي طرح بنگالي عوام جي آزادي واري

جدوجهد جي ڪاميابي قومي آزادي واري مقصد لاءِ وڏي اهميت واري هئي. هن ڪاميابي نه رڳو بنگلاديش ۾ سماجي ترقي جو سلسلو شروع ڪيو جتي بنگلاديش سرڪاري ملڪ ۾ ترقي پسند ستارا آٿي شروع ڪيا پر خود پاڪستان ۾ به هن ڪاميابيءَ هڪ رجعت پسند ڊڪٽيٽرشپ کي ڊاهي وڌو.

برما جو مثال پڻ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ته اتي جي قوم پرستن ملڪ جي سوشلسٽ قيادت سان تعاون ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن جي پرواهه نه ڪندي حڪومت اعلان ڪيو ته "برما لاءِ صرف سوشلسٽ قسم جي ترقي وارو رستو ئي مسئلن جو حل آهي.

قوم پرستي جو نظريو ۽ پاليسي وچ اوپر ۾ وڏين تبديلين مان گذريو آهي. اتي قوم پرستي ڇتن ئي مختلف رجحانن تي اسري رهي آهي. ١٩٥٢ع ۾ جن جمهوريت پسند فوجي آفيسرن بادشاهي ختم ڪري حڪومت جو واڳون سنڀاليون سي ڪٽر قوم پرست هئا ۽ طبقاتي ڇڪتاڻ کي تسليم نه ڪندا هئا ۽ قومي اتحاد کي سڀ کان اوليت پئي ڏنائون. هنن "اتحاد، امن امان ۽ محنت" جا نعرا ڏنا جيڪي سڀني طبقا هڪ ئي وقت قبول نه پئي ڪري سگهيا. مختلف طبقاتي سماج ۾ قومي اتحاد

تي زور ڏيڻ سان غريب ۽ شاهوڪار ۾ فرق وڌندو ويو. ١٩٦٠ع ۾ ٣ لک ٩٠ هزار وڏا سرمائيدار ۽ جاگيردار مصر ۾ موجود هئا جن جو تعداد ٥=١٥ سيڪڙي کان به گهٽ هو ۽ اهي سڄي قومي آمدني جو ٽيون حصو ڳڙڪائي رهيا هئا جڏهن ته هڪ ڪروڙ ستر لک مزدور ۽ بي زمين هاري قومي آمدني جو صرف ١٦ سيڪڙو حاصل ڪري رهيا هئا. ١٩٦٠ع ۾ ٿي انهن ماڻهن جو جو تعداد ٻيڻو ٿي ويو جيڪي ساليانو ڏهه هزار رپيا نفعو ڪمائيندا هئا. جيتوڻيڪ انهن ڏينهن ۾ حڪمرانن سوشلزم جا نعرا هنيا پر اهي درحقيقت قوم پرستي جو ٻيڪ ٿي هئا. هنن طبقاتي جهيڙن کي تسليم نه ڪيو پر طبقاتي صلح جا نعرا ڏنائون. ان وقت جي عرب ملڪن جون عرب سوشلزم واريون ڳالهيون درحقيقت قوم پرستي جو روپ هيون. قوم پرستي جي وضاحت ڪندي ناصر قومي مفاد ۾ مزدورن ۽ موڙي جي اتحاد جو نعرو ڏنو هن هڪ اهڙي سماج ٺاهڻ جو نعرو ڏنو جنهن ۾ شاهوڪار غريبن جي مدد ڪن ۽ سڀني طبقن کي ملائي هڪ ڪٽنب جو روپ ڏنو وڃي. مصر ۾ اها تبديلي آهستي آهستي اچڻ لڳي جڏهن ناصر قبول ڪيو ته قرلت ڪندڙ طبقن ۾ اندروني رجعت پسند قوتن خلاف جدوجهد ضروري آهي.

١٩٦٢ع ۾ چارٽر آف نيشنل ائڪشن پڌرو ڪيو
ويو جنهن قومي انقلاب کي نئون موڙ ڏنو. چارٽر ۾
ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته "اڻ ٽر ۽ فطري طبقاتي
ڇڪتاڻ کي نظرانداز ڪري نه ٿو سگهجي. هن نظرئي
جي اعلان مصر جي قوم پرستيءَ کي انقلابي جمهوريت
جو رخ ڏيکاريو جنهن قومي اتحاد تي پورهيت عوام
جي اتحاد کي ترجيح ڏني ۽ طبقاتي صلح تي طبقاتي
ڇڪتاڻ کي مٿيرو ڪيو. چارٽر ۾ لکيل هو ته "پنهنجي
موڙيءَ جي هڪ هٿي هٿن ڪري رجعت پرست مفاد
سچي عوام جي مفادن سان ضرور ٽڪرائبا. ان ڪري
طبقاتي ڇڪتاڻ جو پرامن حل تيستائين ڳولي نه سگهبو
جيستائين ملڪي رجعت پسندن جا سڀ هٿيار نه کسبا.
اهڙي طرح مختلف سماجي طبقن ۾ جمهوري حل ڳوليو
ويندو. جاگيرداري ۽ ڦرلٽ ڪندڙ موڙي وچ ۾ اتحاد
جي جاءِ تي پورهيتن جي ترجماني ڪندڙ مختلف سماجي
قوتن جو اتحاد وڌيڪ فائديمند ٿيندو".

هن چارٽر هيٺ مصر جي جمهوري انقلابي قوتن
وڏي پئماني تي مٿين بورجوازي، جاگيردارن ۽ پرڏيهي
موڙي خلاف مهم شروع ڪئي ۽ مصر ۾ ميڙي نجي
بئنڪن، بنيادي صنعتن ۽ پرڏيهي واپار کي قومي ملڪيت

۾ ورتو ويو. ملڪ ۾ هارين جي مفاد ۾ وڏي پيماني
تي زمين جي ورهاست ڪئي وئي. ۽ ملڪ کي غير سرمائيدار
نموني سان ترقي ڏيارڻ جو ڏس ورتو ويو.

اهڙي قسم جا قدم ٻين به ترقي پسند عرب ملڪن
۾ کنيا ويا آهن جتي قوم پرستي طبقاتي مفادن ۽
سوشلسٽ انقلاب جي ٽڪر ۾ اچي غالب ٿي رهي
آهي. مثال الجزائر ۾ "قومي اتحاد" جو نعرو "انقلابي
اتحاد" جي نعري سان ختم ڪيو ۽ "قومي سوشلزم"
جي نعري جي جاءِ تي "قوم سوشلزم جي راهه تي"
وارو نعرو هنيو ويو. هواري بومدين الميثاق مارچ ۱۹
۱۹۶۶ع مطابق اعلان ڪيو ته "سوشلزم جي راهه تي
هلندڙ ملڪ ۾ قومي اتحاد جو نعرو انقلاب دشمني
آهي". الجزائر جي پورهيتي ۽ سماجي معاملن جي وزير
اعلان ڪيو ته مزدورن ۽ هارين جو اتحاد ئي سوشلزم
جي ڪاميابي آهي ۽ اهڙا اتحاد ئي انقلابي پيدا واري
قوت قائم ڪري سگهي ٿو.

عرب اتحاد واري مسئلي تي ترقي پسند حڪومتن
جي پاليسي به ڪافي تبديل ٿي چڪي آهي. ماضي ۾
عرب قوم نسلي ۽ مذهبي اعتبار کان تشڪيل ڏني
ويندي هئي ۽ هينئر ان جي تشڪيل انقلابي جمهوري

اصولن پٽاندر ٿئي ٿي- روس جي ڪميونسٽ پارٽي جي ٢٤ ڪانگريس کي خطاب ڪندي عرب باٿ سوشلسٽ پارٽي جي اڳواڻ محمد جعفر ياجبوج چيو ته، ”اسان جي پارٽي عرب اتحاد ۾ ايمان رکي ٿي- هڪ پاليسي نه قوم پرستي تي ٻڌل آهي ۽ نه شاونزم تي ۽ نه وري اها پاليسي ڪنهن ٻيءَ ذر جي خلاف آهي- اها پاليسي مجموعي طور عرب قوم جا اعتماد ڪئي هلي ٿي ۽ انهن پورهيتن جا مفاد جيڪي آزادي ۽ امن لاءِ وڙهي رهيا آهن- اسان ان اتحاد لاءِ جدو جهد ڪري رهيا آهيون جيڪو قرلت، ناجائز قبضي ۽ پيچ ڏاهه جي خلاف آهي.

وچ اوڀر ۾ انقلابي جمهوري ملڪن جي دشمن نظرين مان پان اسلادزم بـه هڪ آهي- برطانيه جي هڪ هٿي سرمائيداري جي ترجمان اخبار ”ايڪنامڪس“ هڪ دفعي لکيو هو ته، ”اسلامي اتحاد واري نعري جو مقصد عرب قوم پرستي ۽ سوشلزم وچ ۾ اتحاد کي ٽوڙڻ آهي.“

هوڏانهن آفريقا ۾ جمهوري انقلابي تحريڪن اوچتو زور ورتو آهي ۽ قوم پرستي تي سوشلسٽ نظريو حاوي ايندو نظر اچي ٿو- تنزانيا جي صدر جوليس نهري چيو

آهي ته، "سوشلزم سڄي عوام کي اهڙو موقعو فراهم ڪري ٿي ته اهي پيداوار جا ذريعا پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکن. اسرندڙ ملڪن لاءِ اقتصادي آزادي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهوئي واحد رستو آهي". ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ جيترو قوم پرستي ۽ سوشلزم جو اتحاد آهي، اوترو بين اسرندڙ ملڪن ۾ ڪٿي ڪونهي. البت آفريڪا ۾ قبائلي رشتا به اڃا زنده آهن ۽ جاگيرداري به موجود آهي. اتي يورپ جي تجربن پٽاندر نيشنل بور جوازي جي تلاش اجائي آهي. البت اتي اڄ ڪلهه بيورو ڪريٽڪ بور جوازي يعني ڪامورو سرمائيدار بهرحال پيدا ٿيو آهي جيڪو اڪوٽن بينڪي ملڪن جي پئسي تي راڄ ڪري رهيو آهي.

اها هڪ حقيقت آهي ته بين الاقوامي سرمائيداري هر اهڙي قوم پرستي جي حمايت ڪري ٿي جيڪا سماج ۾ طبقن کي نه ٿي مڃي يا ان تي نسلي ۽ مذهبي رنگ چڙهيل آهي. ان ڪري مغربي سماجي ماهر وڏي همدردي سان نيگريٽيوڊ واري تحريڪ (جنهن مطابق ڪاري رنگ واري چمڙي وارا انسان عظيم آهن جو نعرو هنيو ويو هو.) جي حمايت ڪن ٿا.

در حقيقت نيگريٽيوڊ واري تحريڪ بينڪن واري

نسلي امتياز جي پاليسي خلاف رد عمل طور آفريڪي دانشور طبقي جي پيدائش آهي. گورن جي عظمت واري پاليسيءَ کي ڏسي، ڪارن به پنهنجي عظمت جو نعرو هڻڻ شروع ڪيو. البت جيئن ته هن نعري ۽ پاليسي ۾ آفريڪا جي ڪارن ماڻهن جي انساني وقار جي بحاليءَ جو به مطالبو آهي، ان حد تائين هي پاليسي ترقي پسند به آهي. هڪ بزرگ نظرياتي ماهر، سياستدان ۽ شاعر ليوپولڊ سينگهور چيو آهي ته:

”قومي آزادي جي معني آهي ڪارين قومن جي وقار ۽ سڃاڻپ جي بحالي. يعني نيگريٽيوڊ.“

پر نيگريٽيوڊ يا ٻئي ڪنهن به تحريڪ جو اثر سواءِ چند انسانيت پرست دانشورن جي عوام جي وڏي اڪثريت تائين نه پهتو آهي. هن پاليسي جي مخالفن جو چوڻ آهي ته نيگريٽيوڊ قومي آزاديءَ واري تحريڪ کي نقصان پهچائي ٿي ۽ اڃا به نسلي امتياز واريون خرابيون پيدا ڪري ٿي. گهانا جو بزرگ سياستدان اليڪس ڪتائيس سنڪي چيو آهي ته نيگريٽيوڊ خطرناڪ نظريو آهي.

”ڀلا عظمت جو اهڃاڻ چمڙيءَ جو رنگ ڇو هجي؟ جيڪڏهن ضرورت آهي ته ان جي آهي ته سڄي انساني ذات ۾ ڀائيچارو هجي، هڪٻئي لاءِ عزت هجي، ڀلي پوءِ کو کهڙي به رنگ جو ڇو نه هجي.“

آفريڪا ۾ ته سجاڳيءَ جون وڏيون ويرون چڙهيون آهن ۽ هاڻي اتان جي ڪابه قومي تحريڪ سماجي پهلوءَ کي نظرانداز ڪري نه سگهندي. طبقن جي وجود کان انڪار ڪندڙ اڳواڻن کي اڳتي هلي محسوس ٿيندو ته هنن لاءِ جن مسئلن جو حل ڳولڻو آهي اهي طبقاتي آهن.

ملڪ ۾ قوم پرست پاليسي اختيار ڪرڻ سان گڏ هڪ ٻيو اهم مسئلو پيدا ٿئي ٿو، سو آهي قوميتن جو. ۽ ان مسئلي کي حل ڪرڻ واري نموني سان ئي خبر پئجي سگهي ٿي ته ملڪ جو ڪردار ترقي پسند آهي يا رجعت پسند. ڪيترن ئي ٽين دنيا جي ملڪن ۾ جن ۾ گهڻيون قومون رهن ٿيون، انهي مکيه قوم جو لاڙو نه رڳو بين الاقوامي سامراجيت جي حق ۾ هوندو آهي، پر ملڪ ۾ رهندڙ اقليتن جي به خلاف هوندو آهي، جڏهن ته خود اها قوم قوميتن جي مسئلن جي جمهوري حل ۾ ايمان رکندي آهي. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن ڪا مکيه قوم قومي اقليتن جي حقن تي ڌاڙو هڻندي آهي ته ان کي ”عظيم طاقت واري شاونزم“ چئبو آهي. قومي اقليتن جي قوم پرستي، يعني مظلوم قومن جي قوم پرستي وانگي جمهوري ۽ ترقي پسند

قسم جي هوندي آهي.

قومي اقليتن طرفان برابري لاءِ جد وجهد سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن مختلف قومين جي ترجمان گروهن وچ ۾ جهيڙا به ٿيندا آهن، جن جو مقصد اهم سرڪاري نوڪرين جي مساوي ورڇ يا ٻولي جو مسئلو هوندو آهي. ياد رهي ته ڪيترن ئي ملڪن ۾ قبائلي نظام به موجود آهن ۽ قبائلي دشمنيون به موجود هونديون آهن. ان جي جوابداري ته ظاهر آهي ته نئين بينڪيت وارين قوتن تي هوندي آهي، پر حڪومتون به نام نهاد "قومي"، فرمانن سان مختلف سماجي گروهن جو استحصال ڪنديون آهن.

نئين بينڪيت قائم ڪندڙ قوتون "عظيم قوت واري شاونزم" به استعمال ڪنديون آهن، جوڪا اسرندڙ ملڪن ۾ غالب قومين جي پالوسي هوندي آهي ۽ پنهنجن مفادن سر ڪرڻ لاءِ قومي اقليتن واري قومي پرستي کي به استعمال ڪنديون آهن. اهي طاقتون اقليتن واري قوم پرستي کي علحدگي جو روپ ڏينديون آهن. انڪري ٽين دنيا جي گهٽ قومي رياستن ۾ هڪ مضبوط سامراج دشمن قومي متحد محاذ قائم ڪرڻ لاءِ قومين جي مسئلن کي حل ڪرڻ سڀ کان اڳ ۾ ضروري

آهي. مثال طور عراق ۾ عربن ۽ ڪردن وچ ۾ ١٩٧٠ع ۾ فرقيوارانه جنگ ختم ٿيڻ ڪري ملڪ جي سڀني سامراج دشمن قوتن جو اتحاد عمل ۾ اچي سگهيو. هن قدم عراق جهڙي ننڍي رياست کي همت ڏني ته اها سامراج جو مقابلو ڪري سگهي ۽ سامراجي جارحيت کي روڪي سگهي. ١٩٧٢ع ۾ عراق سرڪار پرڏيهي تيل جون ڪمپنيون قومي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيون ۽ عوامي دولت کي عوام لاءِ استعمال ڪرڻ جي راهه هموار ڪري ڇڏي.

ياد رکڻ گهرجي ته ٽين دنيا جي گهڻن قومي اسرندڙ ملڪن جي ڪردار جو تجزيو خبرداري سان ڪيو ويندو. ڪيتريون ترقي پسند حڪومتون عملي طور ٻٽي ڪردار ادا ڪنديون آهن ۽ اهي ٻنهي قوتن جو ساٿ ڏينديون آهن، جيئن الجيريا ۾ ٿيو. اتي تيل واري علائقي ۾ بيافرا کي الڳ ڪرڻ واري ڪوشش کي هوا ڏني وئي هئي، جيڪو نئين رياست قائم ڪرڻ وارن جي مفاد ۾ هو.

درحقيقت اڪثر پٺتي پيل ملڪن ۾ ترقي جي راهه بنيادي سڌارن ڪرڻ ۾ لڪل آهي. اسرندڙ ملڪن جي ترقي پسند قوتن آڏو هي سڀ کان وڏي وقت ڪان ثابت ٿي

چڪو آهي. پارت جي مارڪسوادي فيلسوف ايس. جي. سر ڏيسائي ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته پارت ۾ اقتصادي ترقي ۽ ٻولي جهڙا مسئلا حل ٿي ويندا جيڪڏهن انهن کي جمهوريت ۽ سوشلزم جي عام هلچل سان ملايو وڃي. قوميتن جي مسئلن کي حل ڪرڻ جو هي طريقو اسرندڙ ملڪن جي ڪيترن ئي نظرياتي ماهرن تسليم ڪيو آهي. هنن جو خيال آهي تــه اهي ۽ ٻيا اهڙا ڪيترا مسئلا سوشلسٽ تبديلين ۽ سامراج دشمن انقلابــي جدوجهد سان ئي حل ٿي سگهن ٿا. اهڙي طرح قوميتن جي مسئلن کي حل ڪرڻ وارو روس جو تجربو اسرندڙ ڪيترن ئي ملڪن لاءِ وڏي اهميت وارو آهي.

اڄ جي دنيا ۾ جيڪي به ٽي بنيادي سماجي ۽ اقتصادي نظام رائج آهن، انهن ٽنهي دنيا جي سماجي ۽ قومــي مسئلن جي حل تي بلڪل هڪٻئي جي ابتڙ اثر وڌو آهي. سوشلزم قومي جمهوري انقلاب کي زور وٺائــي اڳتي وڌائي ٿي، اسرندڙ قومن جي اقتصادي آزادي واري جدوجهد کي زور وٺائي ٿي ۽ قوميتن جي مسئلن کي جمهوري نموني حل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. ان جي ابتڙ سامراجيت قومي جمهوري انقلاب کي سست ڪري ٿي، پٺتي پيل اقتصادي صورتحال کي جيئرو رکي ٿي، اسرندڙ ملڪن ۾ رجعت پرستي کي سماجي ۽ سياسي

ڏانچي ۾ پناهه ڏئي ٿي ۽ انهن ملڪن جي قومي ۽ نسلي مسئلن جي حل آڏو رڪاوٽون پيدا ڪري ٿي.

---

# اسرندڙ ملڪن ۾ قوم پرستي وارن مسئلن تي بدل نظرياتي جدوجهد

سامراجي سياسي ماهر قوميتن جي حل بابت لينن جي فڪر کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪن ٿا ۽ پرولتاري بين الاقواميت واري نظريي بابت شڪ گمان پيدا ڪري چون ٿا ته سوشلزم قومي ترقي جي راهه ۾ رڪاوٽ آهي.

جيئن اسان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون ته هي الزام لينن ۽ ٻين مارڪسوادين جي قومي مسئلن واري حل جي ابتڙ آهن. مارڪسسٽ-لينننسٽ نظريي مطابق طبقاتي ۽ سماجي نقطه نظر کان جاچيو ويندو ته ثابت ٿيندو ته هن تعليم قومي لاڳاپن بابت هڪ سائنسي پاليسي تيار ڪئي آهي. تاريخ جنهن کي سچو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. سائنسي ڪميونزم جي تعليم سيکاري ٿي ته عالمي پرولتاري ۽ سوشلزم سان گهري ڳانڍاپي سان ٿي

سامراج دشمن تحريڪ ڪامياب ٿي سگهي ٿي. هن مسئلن جو سماج جي تاريخي ۽ بنيادي، سماجي ۽ اقتصادي ترقي جي نقط نظر کان تجزيو ڪري مارڪسزم- ليننزم انهن کي انساني آئيندي جي تاريخي جد وجهد سان ڳنڍيو آهي جنهن جو مقصد هر قسم جي سماجي ۽ قومي ڦرلٽ کان نجات حاصل ڪرڻ آهي.

مغرب جي بورجوا ماهرن جون اهي دعوائون غلط آهن ته سوشلزم ۽ پرولتاري بين الاقواميت قومي ترقي جي خلاف آهي. سوويت يونين ۽ ٻين سوشلسٽ ملڪن طرفان قوميتن جي مسئلن جي حل ڪرڻ واري تجربي اهو ثابت ڪيو آهي ته سوشلزم قومن جي سماجي ۽ ثقافتي ترقي لاءِ اڻ ڪٽ راهون کولي ٿي. پورهيت عوام جڏهن ماڻهن جي وڏي اڪثريت کان حمايت وٺي هر قسم جي طبقاتي ڦرلٽ ختم ڪري ٿو ته قومن ۽ قوميتن جي آزادانه ترقي جا وڏا موقعا نڪري پون ٿا. ۽ اهڙي طرح سماجي ۽ قومي نابرابري ختم ٿيڻ ڪري بين الاقوامي اتحاد جو بنياد پوي ٿو. ١٩ صدي ۾ سائنسي ڪميونزم جي باڻين پيشنگوئي ڪئي هئي ته قومن اندر مخالفت ۽ مخالفانه تضاد ختم ٿيڻ سان قومي دشمني به ختم ٿي ويندي ۽ ان حقيقت ۾ ڪنهن به شڪ گمان

جي گنجائش ڪانهي ته هڪ ڏينهن سموري ترقي تي
موجود سڀني قومن مان اختلاف ختم ٿي ويندا ۽ انهن
وچ ۾ بهترين ناتا قائم ٿي ويندا. اهو به ياد رکڻ گهرجي
ته اڄ جي دنيا ۾ سوشلسٽ ملڪن ۽ ترقي ڪيل
سرمائيدار ملڪن وچ ۾ موجود اختلاف طبقاتي آهن،
قومي نه آهن. سامراجي نظرياتي پرچارڪ اهڙا پروپيگنڊا
هلائي رهيا آهن ته قوم پرست قوتون هڪ عالمي جهيڙي
۾ رڌل آهن. هنن جي خيال مطابق سڄي دنيا ۾ قوم
پرستيءَ جوئي تضاد ۽ جهيڙو آهي. ڪيليفورنيا يونيورسٽي
جي پوليٽيڪل سائنس ڊپارٽمينٽ جو پروفيسر رابرٽ
اسڪالينو چوي ٿو ته "ڪميونسٽ دنيا" پنهنجا بين الاقوامي
لاڳاپا قوم پرستيءَ جي بنياد تي هلائي رهيا آهن ۽
اهڙي طرح ڪميونسٽ دنيا سرمائيدار دنيا سان ٿورو
اختلاف رکي ٿي.

ڪميونسٽ ۽ سرمائيدار دنيا جي قوم پرستي بابت
هڪ راءِ جا ڪوڙ ته صرف سامراجي پرچارڪ ئي
هٿي سگهن ٿا. هن پروپيگنڊا جو مقصد سوشلزم جي
پاليسي کي ٽوڙڻ ۽ موڙڻ آهي. سامراجي پروپيگنڊا
سوشلسٽ ملڪن ۽ سوويت يونين طرفان دنيا ۾ سامراجي
جارحيت خلاف ڪندڙ جدوجهد کي "عظيم طاقت

طرفان دنيا تي غالب پوڻ واري پاليسي" قرار ڏين ٿا. قومي آزادي واري تحريڪ کي گوري نسل خلاف ڪاري ڇمڙي وارن ۽ رنگين ڇمڙي وارن جي تحريڪ سڏيو وڃي ٿو. ڏٺي ليکي سامراجين کي ائين نظر اچي رهيو آهي ته قوم پرستي ۽ نسل پرستيءَ جون قوتون سڄي انسان ذات کي ڪيڏانهن گهلي وڃي رهيون آهن.

بهرحال اها هڪ سماجي حقيقت آهي ته پرولتاري انقلابي، ۽ بورجوا قوم پرستي هڪٻئي جون متضاد ۽ مخالف قوتون آهن - انهن جو نظريو توڙي عملي سياست هڪٻئي جون مخالف آهن. ليڪن هن حقيقت تي زور ڏيندي چيو هو ته پرولتاري بين الاقواميت ۽ بورجوا قوم پرستي هڪٻئي جا دشمن نعرا آهن جن جو تعلق سرمائيدار دنيا جي ٻن طبقاتي ڪئمپن سان آهي ۽ انهن جو قومي سوال تي هڪٻئي جو ابتڙ موقف آهي.

سامراجي رياستن ۾ بورجوا قوم پرستي قومي آزادي وارين تحريڪن جي دشمن ۽ ترقي پسند قوتن جي ويري سوچ آهي ۽ آمر ۽ نسل پرست حڪومت جو حمايتي اوزار آهي- سامراجي آزادي ۽ خود مختياري واري نعري کي "ڪميونزم جو خطرو" سمجهن ٿا- ۽ ان ڪري جتي بس اهڙو عوامي عمل آهي اتي پوليس جو زور

عالمي امن کي مضبوط ڪرڻ ۽ جارحيت روڪڻ جي پاليسي آهي. اسرندڙ ملڪن ۾ جمهوري انقلاب پارٽين جي پاليسي آهي ۽ دنيا جي سڀني سامراج دشمن قوتن جي پاليسي آهي. اهڙي سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ٢٤ ڪانگريس طرفان بين الاقوامي امن جي پاليسي اهڙي بين الاقوامي صورتحال پيدا ڪرڻ جي پاليسي آهي جيڪا دنياجي ملڪن جي سماجي ۽ قومي مسئلن جو حل آهي.

سامراجي پرچارڪ قوتن کي اها پڪ ٿي چڪي آهي ته پورهيت عوام جو بين الاقوامي اتحاد دنيا جي ماڻهن جي شعور وڌائڻ، جمهوريت، امن ۽ آزادي لاءِ وڙهندڙ بين الاقوامي سامراج دشمن عوام جو اتحاد ۽ ترقي جو اتحاد آهي. ان ڪري جيڪڏهن هو سوشلزم ۽ قوم پرستيءَ کي هڪٻئي جا دشمن نظريا ڪري پيش ڪن ته ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي.

بين اقوامي ڪميونسٽ پارٽين ۽ پورهيتن جي پارٽين کي خطاب ڪندي سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي سينٽرل ڪميٽي جي جنرل سيڪريٽري ايل - آءِ برزنيف چيو هو ته، ”قوم پرستي ۽ علحدگي پسندي وارن رجحانن کي همٿائيندي سامراجي اسرندڙ ملڪن کي

آزمايو ويو ٿو. سامراجي اصل کان وٺي ٻين ملڪن جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪن ٿا، انقلاب-دشمن سازشون تيار ڪن ٿا، فوجي بغاوتون ڪن ٿا ۽ انهن قومن خلاف جارحيت ڪن ٿا جيڪي پنهنجي خود مختياري لاءِ هلچل هلائين ٿا.

وچ اوڀر ۾ سامراجي اسرائيل جي شاونزم جو سهارو وٺي انقلاب-دشمن مقصد سر ڪن ٿا. آفريڪا ۾ سامراجيت نسل پرست حڪومتن جي ٽولي ۽ ان ٽوليءَ جي طي ڪيل "ناپاڪ ناٺه" جي صورت ورتي آهي. هن ناٺه ۾ ٻڌل حڪومتون آفريڪا جي ڪنڊ ۾ قومي آزادي واري جدوجهد کي ناڪام بڻائڻ جون ڪوششون ڪن ٿيون.

ان ڪري سوشلزم ۽ سرمائيداري سرشتن ۾ هڪڙو قوم پرستي جو سوچڻ ٿي نامڪن آهي. ۽ ساڳي طرح ڪميونسٽ ۽ انهن جي دشمن وچ ۾ قومي سوال تي موقف جي هڪجهڙائي به اهڙي ٿي نامڪن شي آهي.

پرولتاري بين‌الاقواميت لينن جي ڏنل پرڏيهي پاليسي آهي جيڪا سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي ۽ سوشلسٽ ملڪن جي پرڏيهي پاليسي آهي. اها قومي آزادي وارين تحريڪن جي حمايت جي پاليسي آهي.

اندرن ئي اندران کوکاو ڪرڻ گهرن ٿا ۽ انهن ملڪن
کي هڪٻئي ۾ ويڙهائي انهن جو سوشلسٽ ملڪن سان
ناتو ڪٽڻ گهرن ٿا.

✓ قوم پرستيءَ کي سوشلزم خلاف ويڙهائڻ واري چال
نه رڳو نظرياتي ۽ سياسي پاليسي آهي پر پختي حڪمت
عملي پڻ آهي جنهن جو مقصد قومي آزادي وارين
تحريڪن کي نظرياتي طور چورو ڪرڻ، سياسي طور
چڙوچڙ ڪرڻ، دنيا جي انقلابي ڌارا کان ڪٽڻ، ملڪن
جي بورجوا جمهوري طريقن واري ترقي تائين محدود
ڪرڻ ۽ اسرندڙ ملڪن کي سرمائيداري نظام واري
ڪوڙڪي ۾ قاسائي رکڻ آهي.

سامراجي قوتون قوم پرستيءَ تي زور ئي ان ڪري
ڏئي رهيون آهن ته جيئن مٿيان مقصد حاصل ڪري سگهن.
هو قومي جهيڙي کي بين الاقوامي جهيڙن جو فطري
عمل ڪري پيش ڪن ٿا. ان ڪري سامراجي قومي ۽
بيٺڪي ظلمن مان پيدا ٿيندڙ سماجي اقتصادي مسئلن
کي ڍڪڻ چاهين ٿا ۽ سرمائيداري سرشتي جي ان تاريخي
حقيقت کي لڪائڻ گهرن ٿا جنهن هيٺ اهي قوتون
جارح ۽ شاونسٽ ۽ توسيع پسند پاليسي اختيار ڪري
چڪيون آهن.

سامراجي حلقا قومن ۽ نسلن کي مذهبي نالا ڏيئي امتياز پيدا ڪندا آهن ۽ اهڙي طرح اوير ۽ اولهه جو ثقافتي ۽ تهذيبي جهيڙو پيدا ڪرڻ گهرندا آهن. سامراجي ڪيترن ئي قسمن جون نفسياتي سازشون پڻ ڪري رهيا آهن جن جو مقصد به ساڳيو دنيا جي عوام ۾ امتياز پيدا ڪرڻ آهي. جيئن مثال طور هو چوندا آهن ته مشرق ۾ صوفيانه روحانيت ”عورت جي ڪردار“ ۾ اڻمل آهي، جڏهن ته مغرب ۾ ان جو مظهر ”مرد“ آهي. يا ته ”ڪارن ۽ ٻين رنگن وارن“ ماڻهن وٽ اعتقادي ذهن ۽ مزاج آهي جڏهن ته ”گورن“ وٽ تنقيدي ذهن ۽ لاڙو آهي. رنگن وارا خيالي تصور جا حامي ٿيون ٿا ۽ گورا اصول پرست ـــ ۽ تاريخي ارتقا ٻنهي ڌرين جـي ثقافتي مقامتا واري عمل مان جڙي ٿي. هـو چون ٿا ته ”مغربي عيسائي تهذيب“ کي ئي هن معاملي ۾ اڳواٽي ۽ جو رول ادا ڪرڻو آهي. قوم پرستي هنن يورپي فيلسوفن وٽ رنگين چمڙي وارن جو ورثو آهي ۽ ”قومي آزادي جون تحريڪون رنگين چمڙي پاران گوري نسل کي ٻهارڻ وارو هڪ اڻ جهل طوفان آهي.“ هنن جي نظر ۾ قومي آزادي جي هاچل سماجي عمل نه پر قوم پرستي واري بر ڦاٽڻ جو عمل آهي.

انڪري قوم پرستي جي نظرئي ۽ پاليسيءَ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته هاڻوڪي دنيا ۾ مروج مختلف سياسي لاڙن جو مطالعو ڪيو وڃي ۽ ان ۾ سامراجن جي دلچسپي ۽ پاليسي کي سمجهيو وڃي. قوم پرستي واري نظرئي رکندڙن جي مختلف گروهن جو جائزو ورتو وڃي انهن جي سماجي مقصدن کي پروڙيو وڃي. برطانيا جو سوشيالاجي جو ماهر ڪي. مناگ لکي ٿو ته، ”قوم پرستي مغرب جي سرمائيداري ماحول ۾ اسريل هڪ قوت آهي، جا ڪا پوءِ دنيا ۾ پکڙجي وئي آهي.“ هن جو مقصد آهي ته آفريقا ۾ قوم پرستي مغرب مان آئي آهي!! هارورڊ يونيورسٽي جو پروفيسر آر-ايمرسن ايشيا ۽ آفريقا ۾ آيل انقلابن بابت لکي ٿو ته. ”قوم پرستي جو اسرڻ مغربي انقلاب جي مشهور ڏيڻ جو ثبوت آهي.“ هنن سڀني نظرين جو سامراجي مقصد اهو ثابت ڪرڻ آهي ته بورجوا ۽ تازو آزاد ٿيل ملڪن ۾ سامراجي ترقي جو هڪڙو ئي ڍنگ رهيو آهي، جنهن مان سرمائيداري قومي نڪتي آهي.

اسرندڙ ملڪن ۾ قومن جو اڀرڻ بينڪيت واري دور ۾ مغربي اثر وڌڻ جو نتيجو آهي. ساڳي وقت سامراجي ڏاها سامراج-دشمن قوم پرستي ۽ سامراجي

شاونزم کي هڪ ڪري پيش ڪن ٿا. آفريقي ملڪن ۾ قوم پرست سوچ جي اپرڻ کي هڪ آمريڪي ماهر "۱۹ صدي عيسوي ۾ آمريڪي قوم جي خوداعتمادي حاصل ڪرڻ واري تحريڪ جو حصو" سمجهي ٿو.

سامراجي فيلسوفن جي هن نظرياتي تجزئي جو واحد مقصد سرمائيداري ترقي واري دڳ کي بورجوا قوم پرستي واري نموني تي مثالي هلائڻ گهرن ٿا. جڏهن ته مغربي يورپ ۾ بورجوا قوم پرستي واري دور سان اڄ جي ايشيا ۽ آفريقا سان مشابهت ڏيڻ بلڪل غلط آهي.

درحقيقت سوويت يونين جي انقلاب کان اڳ وارين بيٺڪن ۽ يورپ جي بيٺڪن ۾ تورو فرق آهي ۽ اڄ سوويت يونين جي رياستن ۾ تيل ترقي اهو ثابت ڪري ٿي ته ترقي جو سوشلسٽ نظريوئي تيز سماجي واڌاري جو ضامن آهي.

اها ڳالهه پڻ واضح آهي ته سرمائيدار ملڪن ۾ بورجوا قوم پرستي ۽ اسرندڙ ملڪن ۾ رائج قوم پرستي ۾ مختلف شيون آهن. سامراجي بورجوازي جنهن قوم پرستي جو پرچار ڪن ٿا ۽ قوميتن جي سوال تي جيڪا پاليسي قائم ڪن ٿا، ان جو تعلق قومي آزادي جي ساجي ڌر وارين قوتن سان آهي. وري ڪن ڪابي ڌر جي

گروهن جي قوميتن بابت پڻ پاليسي ناڪاري رهندي
آهي چاڪاڻ ته اهي نام نهاد ڪوڙا انقلابي ٿيندا آهن.
هنن جو فڪر پڻ سماجي ترقي جي ابتڙ ٿيندو آهي.
ڪابي ڌر جا موقعه پرست قوميتن بابت پاليسي ناهيندي
مزدورن کي جمهوري تحريڪن ۾ حصو وٺڻ کان
جهليندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح سياسي انتها پسندي جو
مظاهرو ڪندا آهن. انتها پسند کابي ڌر وارا گروهه
قومي مسئلن کي نظرانداز ڪندا آهن، جنهن ڪري
قومي تحريڪن ۾ بورجوا قوم پرستي کي هٿي ملي
ٿي. ان جي مقابلي ۾ مارڪسسٽ. ليننسٽ نظرئي
جا قائل قومي آزادي وارين تحريڪن جي دشمن سيني
قوتن جا مخالف ٿيندا آهن. هو کابي ڌر جي انتها
پسندن ۽ انهن جي ڪميونسٽ پارٽين جي تشڪيل ۽
فڪر کي ٽين دنيا ۾ ڪميونزم دشمني سمجهندا آهن.

در حقيقت اسرندڙ ملڪن ۾ ڪميونسٽ پارٽين
جي ڪارڪردگي ۾ قومي سوال کي وڏي اهميت
حاصل آهي جتي جيڪي ٻيون سياسي تنظيمون قومي
مسئلن کي اهميت نه ڏينديون آهن اهي عوامي

تحريڪن کان ڇڇي ڏار ٿي وينديون آهن ۽ هڪ انقلابي پارٽي قومي مسئلن کي ڪڏهن به فرقيوارانه شڪل ڏيڻ نه چاهيندي آهي. اهڙي پارٽي ملڪ ۾ قانوني طرز جون ڪارروايون به ڪندي آهي ۽ سماجي ۽ اقتصادي سڌارن جي حمايت ڪري قومي آزادي واري تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺندي آهي. اهڙي طرح هر پورهيتن جي پارٽي قومي سوالن کي ڪٽي اڳتي هلندي آهي.

مارڪسسٽ - ليننسٽ خيال جا انقلابي ان ڪري ئي قومي سوال تي مائوئسٽ فڪر کي رد ڪن ٿا جيڪو ”عظيم طاقتي شاونزم“ تي ٻڌل هوندو آهي. مائوئسٽ خيال جا ماڻهو جارح قوم پرستي جا قائل هوندا آهن جنهن ۾ توسيع پسندي جا عنصر ”عظيم قومي شاونزم“ ۽ قومي آزادي وارن تحريڪن کي ٽوڙڻ جون حرڪتون ملنديون آهن. اڄڪلهه جي دنيا ۾ مائوئسٽ، آمريڪا ۽ روس ٻنهي خلاف ”عظيم طاقتن خلاف جدوجهد“ جي نالي ۾ مذمت ڪري رهيا آهن. هن نظرئي کي جيڪڏهن مڃجي ته ان جي

مغني ٿي ته ننڍي ۽ وچولي طبقي جي ملڪن کي پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ گهرجي ۽ اها ٻڌي مختلف سماجي نظامن جي باوجود هئڻ گهرجي- ان ڪري هي نعرو غير سائنسي ۽ خيالي آهي- پنهنجي پاليسي مطابق مائوزسٽ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آفريڪا جي ملڪن ۾ قومي آزادي وارين قوتن ۾ پنهنجو ڏاڪو ڄمائڻ ٿا چاهين- قومي آزادي جي تحريڪن کي توڙڻ جي مقصد سان مائوزسٽ چون ٿا ته انهن تحريڪن جو مقابلو نه رڳو ”شاهوڪار“ سامراجي ملڪن سان آهي پر ”شاهوڪار“ سوشلسٽ ملڪن سان به آهي- چيني ليڊرن کان اهو وسري ويو آهي ته اهو بين الاقوامي سوشلسٽ قوتن، عالمي ڪميونسٽ ۽ مزدور تحريڪن جو اتحاد ئي هو جنهن ڪري چين سميت ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ قومي آزادي جون تحريڪون ڪامياب ٿيون آهن ۽ سامراجيت ۽ بيٺڪيت کي شڪست آئي آهي- چيو چيني ليڊر جڏهن ”ڏکڻ جي رنگين قومن ۽ ”اتر جي گوري قومن“ جو ذڪر ڪن ٿا، انهن سان هنن

جو مقصد تنگ نظر قوم پرستي ۽ نسل پرستي جي بوء اچي ٿي. جڏهن هو ورلڊ وليج (دنيا جي ٻهراڙي) جي ڳالهه ڪن ٿا ته هنن جو مقصد آهي ته بين الاقوامي اختلاف سوشلزم ۽ سرمائيداري نظام ۾ ناهي پر قومي آزادي سان تضاد ۾ آهي. ١٩٦٥ع ۾ انڊونيشيا وارا ڏڪوئيندڙ واقعا مائوزي تنگ جي نظرئي ۽ حڪمت عملي جو نتيجو آهن.

ان ڪانسواه "غريب" ۽ "شاهوڪار" ملڪن وارو نظريو پڻ ٽين دنيا ۾ ڦهلايو ويـو. ڪنهن حد تائين هي به مائوئسٽ نظرئي جي پيداوار آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته ايل. سينگهور سميت هي نظريـو انهن جو آهي جيڪي طبقاتي ڇڪتاڻ کي تسليم نه ٿا ڪن. عجب اهو آهي تـه سينگهور جيڪو يورپ جي مزدور تحريڪ جي سات جي پرواهه نه ٿو ڪري سو وري ڪيترن ئـي سامراجي ملڪن جـي حمايت ڪري رهيو آهي. اهڙيءَ طرح قومي آزادي واري تحريڪ جي دشمني ڪرڻ ڪري چين چلي جي فسطائي حڪومت جي به حمايت ڪري رهيو آهي.

درحقيقت قومي آزادي واريــن تحريڪن جــا
مخالف انهن تحريڪن جو سوشلسٽ قوتن سان ساٿ
ختم ڪرڻ گهرن ٿا، پر هو انهيءَ ۾ ڪامياب ٿي نه
سگهندا. ايشيا آفـريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا ملڪ
سامراجيت ۽ بينڪيت خلاف جدوجهد ۾ پنهنجي فطري
اتحادي سوشلسٽ قوتن جي حمايت حاصل ڪرڻ ۾
ڪامياب ٿي چڪا آهن. سوشلسٽ ملڪ ٽين دنيا کي
وڏي امداد ڏئي رهيا آهن. اڄ جي ٽين دنيا ۾ ادائي
هزار ترقياتي رٿائون سوشلسٽ ملڪن ۽ سوويت يونين
جي امداد سان هلي رهيون آهن. سوويت يونين ٽئين
دنيا جي اسرندڙ ملڪن کي سامراج خلاف جدوجهد ۾
پڻ وڏي مدد ڏئي رهيو آهي. سوويت يونين طرفـان
ويٽنام، عربن ۽ انگولا جي ترقي پسند عوام جي غير
مشروط حمايت ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي.

ترقي پسند ۽ سامراج دشمن قوم پرستي هميشه
سوشلسٽ دنيا سان هڪ گڏيل محاذ قائم ڪري ٿي.
عرب سوشلسٽ يونين جي ڪانگريس کي ٢٣- جولاءِ
١٩٦٨ع واري تي خطاب ڪندي جمال عبدالناصر چيو

هو تہ، ”سوويت يونين ۽ اسان جو هڪ گڏيل عمل سامراج دشمني آهي. اسان جو بہ سامراج- دشمن نظرياتي مقاد آهي- سوويت يونين جو پڻ“- حواري بومدين پڻ بيناڪيت ۽ سامراج خلاف سوشلسٽ ملڪن جي اتحاد جو مطالبو ڪري ٿو- هن ۽ ٻين ڪيترن ئي ترقي پسند ليڊرن جي پاليسين مان واضح آهي تہ سوويت يونين ٽين دنيا ۾ سامراج- دشمن پاليسي هلائي رهيو آهي- سيپٽمبر ١٩٧٣ع ۾ عرب ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين جي ڪانفرنس جي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ ”عرب ملڪن جي آزادي واريون تحريڪون عرب ملڪن ۽ سوويت يونين وچ ۾ گهري سهڪار کي وڏي اهميت ڏين ٿيون- هي ڳالهہ عملي طور سوويت- عراق ۽ سوويت- مصر وارن سمجهوتن ۾ ظاهر آهي- عرب ملڪن ۾ ڪوبہ حلقو ان اتحاد جي مخالفت ڪندو تہ اهو ظاهر آهي تہ ساڄي ڌر ڏانهن وڌندو.

دنيا جون سوشلسٽ رياستون انصاف تي ٻڌل ٽين دنيا طرفان ڪيل بين الاقوامي نئين نظام قائم ڪرڻ

جي به حمايت ڪن ٿيون. اي. اسڪوئو توري چيو
آهي ته ٽين دنيا ۾ سوشلسٽ ڪئمپ جو اتحاد سامراج
کي مجبور ڪري رهيو آهي ته اهي پين قومن ۾
رياستن جي خرچ تي شاهوڪار ٿيڻ ڇڏي ڏين. پين
قومن جي ڦرلٽ جو هي مثال ڪافي آهي ته الهندي
يورپ جون هڪ ٻئي ڪمپنيون آفريقا جي ملڪن
مان جيڪو نفعو ڪمائين ٿيون، اهو انهن جي ڏنل
امداد کان ٽيڻو آهي. ان ڪري ئي آفريقا اتحاد واري
تنظيم سامراجي ملڪن سان ڪيل واپاري ناهن تي
نظر ثاني ڪري رهي آهي.

جمال ناصر هڪ دفعي سچ چيو هو ته "جيڪڏهن
اسرنڌڙ ملڪ بين الاقوامي اتحاد ۾ گڏيل محاذ جي ناڪاري
عمل قومي تنهائي کي اپاريندا ته هو سامراجيت جو مقابلو
ڪري نه سگهندا. هڪوامي نڪرما جڏهن گهانا جو صدر
هو، تڏهن چيو هئائين ته جيستائين دنيا جي ڪنڊڪڙڇ
مان ڦرلٽ، مالي پرماريت ۾ سامراجي سازشون ختم نه
ٿينديون تيستائين سامراج دشمن جدوجهد جاري رهندي.

هي جدوجهد پنهنجي جاء تي امن جي به جدوجهد

آهي. عرب جمهوريه مصر جو قومي اُڪشن وارو چارٽر ۽ سوويت يونين جو (پيس پروگرام) امن جو پروگرام ان سلسلي جي بين الاقوامي حڪمت عملي آهي. ان ڪان سواءِ غيرجانبدار ملڪن جي تحريڪ پڻ پرامن بقائـــي باهمي جي اصول کي مضبوط ڪري ٿي. قومي آزادي جي تحريڪن جون انقلابي قوتون مثبت قسم جي غير جانبداري دنيا جي ٻن متضاد نظامن واري ڇڪتاڻ ۾ سوشلسٽ دنيا سان اتحاد ۾ آهي. سيپٽمبر ١٩٧٣ع ۾ الجزائر واري غيرجانبدار ڪانفرنس اعلان ڪيو هو ته هنن ملڪن جي تحريڪ سامراج دشمني تي ٻڌل آهي ۽ ڪميونزم دشمني ڪنهن قوتن خلاف آهي.

اسرندڙ ملڪن ۾ ڪميونزم ـ دشمني وارا لاڙا قوم پرست حلقن ۾ همدردي حاصل ڪري رهيا آهن. اهي حلقا تنگ نظر قوم پرستي، شاونزم جو انقلاب دشمن ساجي ڌر سان هٿ هٿ ۾ ملائي هلي رهيا آهن. اهڙي نظرئي جو مجيغدڙ ڪيتريون ئي تنظيمون پارت، عرب ملڪن ۽ ارجنٽائنا ۾ موجود آهن. ارجنٽائنا ۾ ”ناڪوئارا“ نالي فسطائي تنظيم، گوئيتمالا ۽ سلويڊار ۾ مانو بلانڪا

۾ پارٽ ۾ جن سنگهي نالن ۾ مشهور آهن.

هنن تنظيمن جو عمل نه رڳو ڪميونزم خلاف آهي

پر قومي آزادي واري تحريڪن جي خلاف آهي.

درحقيقت روس ۾ آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ دنيا جا سڀ قومي آزادي وارين تحريڪن جي اڳواڻن اها ڳالهه محسوس ڪئي ته ڪميونسٽن، پرولتاري بين الاقوامِيت ۽ سوويت يونين سان اتحاد سامراجيت خلاف موثر جدوجهد آهي. چين جي سن يات سين چين جي عوام کي ٿي عوامي نعرا ڏنا هئا: ڪميونسٽ پارٽي سان اتحاد، سوويت روس سان اتحاد ۽ مزدورن ۽ هارين سان ٻڌي" اهڙي طرح پارت ۾ مهاتما گانڌي بالشيوڪن کي خطرو نه پر هڪ مهربان قوت سڏيو آهي. جواهرلال نهرو پارت ۾ ان فڪر کي اڳتي وڌايو.

اڄ جي دنيا ۾ ترقي پسند قوم پرست ۽ ڪميونسٽ هڪ ٻئي کي ويجها اچي ويا آهن. ترقي پسند قوم پرستي جمهوري انقلابيت جو نعرو آهي جيڪو ڪميونسٽ دشمني کي برداشت ڪري نه ٿو سگهي-

جن اسرندڙ ملڪن ۾ قومي انقلاب سماجي ترقي سان
شروع ٿئي ٿو اتي ڪميونسٽ دشمني هلي نه ٿي سگهي.
مثال ڪانگو، برما، الجزائر، عوامي جمهوريه يمن،
تنزانيا، گني ۽ سوماليا جون قومي آزادي واريون
تحريڪون استحصالي لاڳاپن جي نفي ڪن ٿيون. سوويت
يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي ٢٤ ڪانگريس کي
خطاب ڪندي ايل. آء. برزنيف چيو هو ته ”عظيم لينن
اڳڪٿي ڪئي هئي ته پيڙهيل ملڪن ۽ غلام رياستن
۾ آزادي لاء جدوجهد هر قرلت واري نظام خلاف هوندي.

درحقيقت مارڪسزم-لينزم قومي آزادي واري
تحريڪ لاء ڪامياب ترين نظريو آهي. جواهرلال نهرو
لکيو هو ته مارڪس ۽ اينگلس کي پڙهي مون کي تاريخ
جي ان نئين وهڪري جي چاڻ پئي، جنهن ۾ انساني
تاريخ استحصال جي پڇاڙي جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو
هو. اهڙي طرح قومي آزادي واري جدوجهد صحيح
معنيٰ ۾ قومي قرلت جي خاتمي لاء آهي ۽ ان جو
بنياد مارڪسزم-لينزم تي آهي. هڪ برطانيا جو ماهر
پنهنجي ڪتاب ”سوويت يونين ۽ آفريقا“ ۾ لکي ٿو

ته ”آفريقا جي جڏهن نئين تاريخ لکي ويندي ته ان
مان گڏ لينن جي انقلابي تعليم به چاڻائي ويندي.“
اهوئي سبب آهي جو اڄ جي اسرندڙ دنيا ۾ مارڪسزم -
لينزم مشهور ٿيندي وڃي ٿي.

قوم پرستي جي نظرئي ۽ پاليسي جي اڀياس مان
لينن جي اها راءِ ثابت ٿي ٿئي ته ڪنهن به سياسي
واقعي جو مدار طبقاتي اصولن تي هوندو آهي نه قومي
لحاظ کان- نتيجي طور قوم پرستي جي مختلف قسمن
بابت طبقاتي تجزيوئي ان جي صحيح روح کي پرکڻ ۾
مدد ڏئي ٿو. مارڪسزم-لينزم وارو نظريو بين الاقوامي
صورتحال ۾ قوم پرستي کي وڏي اهميت ڏئي ٿو ۽ ان
کي اهم سياسي پروگرام چاڻائي ٿو. ساڳي وقت هي
نظريو انهن بورجوا ۽ موقع پرست سياسي سوچن کي به
رد ڪري ٿو جيڪي قوم پرستيءَ کي موجوده عالمي
سياست جو بنياد قرار ڏين ٿيون. درحقيقت هي ويهين
صدي آڪٽوبر انقلاب جي اثر هيٺ اڀري وڏي رهي
آهي، جنهن بين الاقواميت کي تاريخي واڌاري ۽ ترقي
جو بنياد قرار ڏنو آهي. هي دور قومي آزادي جي

تحريڪن جي فتح جو دور آهي ۽ ان فتح ۾ سوشلسٽ
ڪئمپ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي جنهن هر قسم جي
نسلي امتياز ۽ ٻيءَ ڦرلٽ جو مقابلو ڪيو آهي. اڄ
جي دنيا ۾ بين الاقوامي مزدور تحريڪ دنيا جي عوام
۾ سجاڳيءَ جي وڏي لهر آندي آهي ۽ آزادي، جمهوريت،
امن ۽ سماجي ترقيءَ ڪي سامراج دشمن واري جدوجهد
سان ملائي حاصل ڪري رهي آهي. هي تبديليون هند
چيني ۽ عرب ملڪن ۽ سڄي دنيا جي تحريڪن ۾ نمايان
آهن ۽ هر شاونزم ۽ رجعت پسنديءَ ۽ ڦرمار خلاف آهن.

انهن اصولن جو بار بار اظهار ١٩٦٩ع واري
ڪميونسٽن ۽ مزدورن جي بين الاقوامي ڪانگريس،
سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي ٢٤ ڪانگريس،
وي. آءِ لينن جي ورسيءَ، ١٩٧٢ع ۾ سوويت سوشلسٽ
جمهوريت جي يونين جي ملهايل ٥٠ هين سالگرهه وارن
موقعن تي ڪيو ويو آهي.

لينن صحيح اڳڪٿي ڪئي هئي ته قومي آزاديءَ
وارين تحريڪون سامراجيت خلاف موثر جدوجهد

ھلائينديون ۽ وڏي پئماني تي سوشلسٽ سماجي تبديليون آڻينديون. هن لکيو هو تہ ”سوشلسٽ انقلاب ضروري ناهي تہ هر ملڪ ۾ انقلابي پرولتاري پنهنجي بورجوازي خلاف وڙهاند ۾ آڻيندو – نہ – اهو انقلاب سيني سامراج جي تاراج ڪيل پيٺڪن ۽ ملڪن ۽ غلام رياستن جي بين الاقوامي سامراجيت خلاف بغاوت ۾ ظاهر ٿيندو.“ اڄ اها اڳڪٿي برابر پوري ثابت ٿي آهي.

اڄ جي، دنيا ۾ ڪميونسٽ ۽ انقلابي مزدور دنيا جي مزدورن جي اتحاد جا چئمپين آهن ۽ هينئر ماڻهو هٿان ماڻهو جو استحصال وڏيڪ گهڻو وقت هلي نہ سگهندو، هڪ قوم ٻي کي پيڙي نہ سگهندي. نئون نظام پراڻي نسلي امتياز، قومي قرات ۽ طبقاتي ڏاڍ جي جاءِ والاريندو.

اسان جي اجوڪي وقت ۾ مارڪسٽ-ليننسٽ تعاليم سوشلسٽ ملڪن جو بين الاقوامي اتحاد ۽ بين الاقوامي مزدور طبقي ۽ قومي آزادي واري جدوجهد جي ٻڌي دنيا جي ڪروڙين عوام جي سچي سماجي ترقي، قومن وچ ۾ امن حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جو بنياد وڌو آهي.